

# تعارف

نور محمد پنهور 14 جنوري 1955ع تي ڳوٺ پير بخش پنهور تعلقو رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ علي محمد پنهور جي گهر ۾ جنم ورتو.

هن ابتدائي تعليم سنڌي پرئڪٽسنگ اسڪول ايليمينٽري ڪاليج خيرپور ميرس ۾ حاصل ڪئي. ميٽرڪ رضا ميموريل هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ انٽر، بي اي ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين.

ينگ رائيٽرس گلڊ سنڌ جو چيئرمين رهڻ ڪان علاوه جنرل سيڪريٽري پنهور ويلفيئر ايسوسيئيشن ضلعو حيدرآباد، پريس سيڪريٽري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري گريجوئيٽس ايسوسيئيشن آف پاڪستان ڪراچي، نئون سج، سج پبليڪيشن جو مرتب ۽ روزانو عبرت، مهراڻ ۽ خلق جو سب ايڊيٽر رهڻ ڪان علاوه ڪهاڻين جو مجموعو عظمتن جا مينار، شخصيات، پنهور خاندان ڪان علاوه سنڌ جا تعليمي ماهر ڪتاب (ست ياڳا) حيدرآباد جي مختصر تاريخ ۽ صحافت جي تاريخ مرتب ڪيا اٿس.

ڊاڪٽر مقبول ميمڻ مارو
مصطفيٰ ڪلينڪ ماتلي، ضلعو بدين

ريڊيو، ٽي، اسٽيج ۽ فلم شعبي سان لاڳاپيل شخصيتن بابت لکيل ڪتاب

# آواز جو سفر

مرتب:

نور محمد پٿو

سچ پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورا حق ۽ واسطا محفوظ


ڪتاب جو نالو: آواز جو سفر

ڪمپوزنگ: رائل ڪمپوزنگ سينٽر، حيدرآباد، سنڌ

ڪمپيوٽر لي آئوٽ: بختيار احمد پٺو حيدرآباد، سنڌ

تعداد: 1000

سال: جولاءِ 2014ع

ڇاپو: پهريون

پيسٽر: سهيل سلام پٺو

قيمت: 100 روپيا

پبلشر: سچ پبليڪيشن حيدرآباد

هي ڪتاب فواد علي پٺو، سلام پرنٽنگ پريس، بخش علي اسٽريٽ، گاڏي کاتو، نزد عبرت پريس حيدرآباد مان ڇپرائي سي 173، پراڻي وحدت ڪالوني، ويسٽ ونگ، قاسم آباد حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| .1 | پنهنجي پاران | 6 |
| .2 | ريڊيو سان شناسائي | 7 |
| .3 | ريڊيو جي دنيا | 12 |
| .4 | استاد اُميد علي خان | 15 |
| .5 | استاد منظور علي خان | 18 |
| .6 | اقبال بانو مرحومہ | 21 |
| .7 | استاد نياز حسين | 22 |
| .8 | موسيقار فيروز گل مرحوم | 25 |
| .9 | ماسٹر محمد ابراهيم ڪڇي مرحوم | 26 |
| .10 | استاد محمد جمن مرحوم | 28 |
| .11 | زوبينا قريشي | 30 |
| .12 | مائي ڀاڳي | 32 |
| .13 | رحمان مغل سرمد سنڌي مرحوم | 33 |
| .14 | شگفتہ اعجاز | 35 |
| .15 | سيما پنهور | 37 |
| .16 | رجب علي | 38 |
| .17 | امينا شاهہ | 44 |
| .18 | جيجي زرينہ بلوچ مرحومہ | 45 |
| .19 | عابده پروين | 46 |
| .20 | اداڪار مشتاق چنگيزي | 48 |
| .21 | مهتاب اڪبر راشدي | 50 |
| .22 | محمد يوسف مرحوم | 51 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| .23 | سيد صالح محمد شاهہ | 52 |
| .24 | جيوٽي ٻائي | 53 |
| .25 | سيد منظور حسين شاهہ ڪمتر نقوي | 55 |
| .26 | سرور بلوچ | 56 |
| .27 | عنايت بلوچ | 57 |
| .28 | سڪندر بلوچ مرحوم | 59 |
| .29 | محمد حسين قادري | 61 |
| .30 | مير محمد لنجار | 63 |
| .31 | محمد قاسم ماڪا | 65 |
| .32 | اسماعيل بن واصف | 68 |
| .33 | اداڪار لياقت شيخ | 69 |
| .34 | ذوالفقار علي قريشي | 70 |
| .35 | محترم ڪامران ڀٽي | 71 |
| .36 | رسول بخش ڏاهري | 74 |
| .37 | سيد ماڪن شاهہ رضوي | 75 |
| .38 | قاضي محمد جمن مرحوم | 77 |
| .39 | موسيقار غلام حيدر | 79 |
| .40 | الياس عشقي مرحوم | 80 |
| .41 | سيد الهہ بخش شاهہ بخاري | 81 |
| .42 | جهانگير قريشي | 82 |
| .43 | محترم ڪوثر ٻرڙو | 86 |
| .44 | مختيار ملڪ | 92 |
| .45 | محمد علي ٻگهيو مرحوم | 93 |
| .46 | عبدالحق ابڙو | 94 |
| .47 | محمد بخش دائودپوٽو | 95 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| .48 | منا خان زرداري | 97 |
| .49 | زيب عاقلي مرحوم | 98 |
| .50 | الاهي بخش بانيڻ | 99 |
| .51 | نصير مرزا | 101 |
| .52 | محمد انور هڪڙو | 103 |
| .53 | جبران انجم | 104 |
| .54 | استاد بني خان | 105 |
| .55 | علي محمد پنهور | 106 |
| .56 | زوار نظر حسين بلوچ | 108 |
| .57 | محمد خان غني | 109 |
| .58 | رشيد صابر | 111 |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

هن ڪتاب ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي تاريخ کان علاوه، اسٽيج، ٽي وي ۽ فلمي شعبي سان لاڳاپيل شخصيتن جيجي زرينا بلوچ، استاد منظور علي خان، اقبال بانو، سيد منظور نقوي، ماستر ابراهيم، اتاد محمد جمن، محمد يوسف، روبينا قريشي، عابده پروين، مائي ڀاڳي، رحمان مغل، سرمد سنڌي، عبدالحق ابڙو، محمد حسين قادري، مير محمد لنجار، اسماعيل بن واصف، شگفته اعجاز، سيما پنهور، ڪامران پنهور، منا خان زرداري، رسول بخش ڏاهري، سيد ماڪن شاهه رضوي، قاضي محمد جمن، امينا شاهه، سيد الهه بخش شاهه بخاري، مشتاق چنگيزي، فيروز گل، رجب علي ۽ محمد بخش دائودپوٽو، محترم عنايت بلوچ، نصير مرزا، محمد قاسم ماڪا، جهانگير قريشي، ڪوثر برڙو، سڪندر بلوچ، مختيار ملڪ، زيب عاقلي، سيد صالح محمد شاهه ۽ ٻين بابت مضمون شامل آهن.

اميد ته اوهان طرفان موٽ ملندي.

مرتب :

رابطي لاءِ

نور محمد پنهور

0331-3522911



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ريڊيو سان شناسائي

سڀ کان پهرين مون ريڊيو ڦِلپس ڪمپنيءَ جو ڏٺو، جنهن وقت ۾ اسان پراڻي وحدت ڪالوني حيدرآباد ۾ رهندا هئاسين. اسان جو والد بزرگوار اسسٽنٽ پبلسٽي آفيسر زرعي کاتو، ون يونٽ بلڊنگ حيدرآباد ۾ هوندو هو. ان وقت ۾ ڏيڍ سئو روپين ۾ ريڊيو مليو. اهو ريڊيو والن وارو هو، بجليءَ تي هلندو هو. جڏهن مان پرائمري پڙهندو هئس ته بابا سائين اولهه پاڪستان اسيمبلي لاهور مان رٽائرمينٽ ورتي ته 1966ع ڌاري ٽرانسسٽر ريڊيو خيرپور ميرس ۾ ورتوسين. جيڪو سيلن تي هلندو هو. جنهن تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد کان علاوه بي بي سي لنڊن ۽ ريڊيو ايران زاهدان به پروگرام نشر ڪندو هو.

آچر جي ڏينهن صبح جو مارڪيٽ گوشت وٺڻ ويندو هئس ته اتي ريڊيو سيلون پڌڙ ۾ ايندو هو. جتي اڪثر محمد رفيع جا گيت هلندا هئا. ”تجهه ڪو پڪاري ميري گيت هو او ميري متوا“ جڏهن ته رات جو 8.00 وڳي ايران زاهدان تان پاڪستاني هندستاني گيت نشر ٿيندا هئا.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان فرمائشي پروگرام، ناٽڪ، فتح خان جي ڪچهري، خميس رات تي ڪنهن نه ڪنهن اردو فلم دوسري شادي ۽ سهاڳڻ جي اسٽوري ۽ گانا نشر ٿيندا هئا. هڪ ٻيرو اداڪار ڪمال جي فلم جا گانا نشر ٿيا.

ريڊيو پاڪستان، حيدرآباد تي منهنجي آمد 1967ع ڌاري ٿي، جڏهن بابا علي محمد ڀٽو، اتي پرونائونسيئيشن چيڪر (اُچار درست ڪندڙ) طور مقرر ڪيو ويو، جتي ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ۾ رشيد احمد لاشاري مرحوم مقرر ٿيل هو. بابا واري ڪمري ۾ سيد منظور حسين نقوي، مظفر حسين جوش ۽ محمد خان غني ويهندا هئا. سامهون واري اناؤنسرن جو ڪمرو هوندو هو، جتي ميڊم مهتاب چنا، جهانگير قريشي، محمد قاسم ماڪا، محمد خان لغاري، عبداللطيف عباسي، نور اظهر جعفري ۽ ٻيا اناؤنسر هوندا هئا. ان وقت ۾ ڪمرشل سروس هلندي هئي. جڏهن ته ڊراما آرٽسٽن ۾ مشتاق مغل، عبدالحق ابڙو ۽ ٻيا فنڪار شامل هئا. جڏهن ته گلوڪارن ۾ امينه شاهه، گل بانو، زيب النساء، استاد جمن، استاد محمد ابراهيم، استاد منظور علي خان ۽ ٻيا شامل آهن.

هڪ ڀيرو آئون والد صاحب وٽ ويٺل هئس ته صبح جي وقت وفاقي وزير اطلاعات مولانا ڪوثر نيازي ريڊيو پاڪستان جي ڦيري تي آيو ۽ هن فردن فردن هر هڪ ماڻهو سان ملاقات ڪئي. فردن فردن هر هڪ سان تعارف پڻ ڪيائين.

1967ع ڌاري ٻارن جي ٻاري ۾ سرور بلوچ ۽ آپا سڪينا سان گڏ پروگرام ۾ شرڪت ڪئي. ان وقت ۾ نندڪمار همايوني، طارق قريشي، سيد ذوالفقار علي شاهه عرف پپو شاهه، اياز لطيف پليجو ۽ ٻيا ٻار پروگرام ۾ شرڪت ڪندا هئاسين. اردو پروگرام قلواري ۾ نور اظهر جعفري صاحب ۽ قيصر سلطانا سان گڏ اردو پروگرامن ۾ شرڪت ڪئيسين.

ان بعد 1980ع ڌاري يونيورسٽي مئگزين پروگرامن ۾ آپا مريم سلطانه نوحاڻي، غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ عبدالحميد سنڌي صاحب سان پروگرام ڪيا.

ان بعد نصير مرزا صاحب پنهنجي پروگرام ادبي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگت ۾ مختلف شخصيتن تي مضمون، ڪهاڻيون ۽ افسانا پڙهڻ جو موقعو عطا ڪيو.

تازو حيدرآباد جي مختصر تاريخ لکڻ تي ايف ايم 101 تي شو دوران انٽرويو ڪيو ويو ۽ شام جو نصير مرزا صاحب سنگت پروگرام ۾ ذات ڏٽين جي پروگرام ۾ انٽرويو ورتو. تازو فتح خان جي ڪچهريءَ ۾ پڻ شرڪت ڪئي.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي فنڪارن ۽ پروڊيوسرن انجنيئرن ڏينهن رات هڪ ڪري ريڊيو جي پروگرامن جو معيار وڌائي ڇڏيو هو.

عبدالڪريم بلوچ، سرور بلوچ، سليم الحق شيخ، قادر بخش ملاح، امر جليل، مراد علي مرزا، الهه بخش شاهه بخاري، پير اسحاق جان سرهندي، لڪنڌڙن ۾ سيد منظور ڪمتر نقوي، محمد خان غني، مظفر حسين جوش ۽ رشيد احمد لاشاري.

صداڪارن ۾ سيد صالح محمد شاهه، عبدالحق ابڙو، مشتاق مغل، سيما پنهور، سڪينه، مهتاب چنا، زرينا بلوچ ، سيد حيات علي شاهه بخاري ۽ محمد بخش دائودپوٽو.

گلوڪارن ۾ مائي ڀاڳي، زرينا بلوچ، زيب النساءِ، امينا شاهه، گل بانو، نور بانو، ثريا حيدرآبادي، شوشيلا مهتاڻي، قزبانو، الڻ فقير، روبينا قريشي، محمد ابراهيم، محمد جمن، استاد منظور علي خان، فقير عبدالغفور، منو ڪڇي، محمد يوسف، ٽيون مل، ڊول فقير، حسين بخش خادم، رحمان مغل، احمد مغل، ضامن علي، سجاد يوسف، فوزيا سومرو، استاد ڪلاسيڪل موسيقي ۾ ناميارا نالا گلزار علي، استاد اميد علي خان، استاد غلام علي خان، رسول خان، استاد وزير علي خان، استاد فدا حسين خان، استاد امانت علي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرف مانو خان، استاد حميد علي، استاد فتح علي خان، مختيار بانو، فقير امير بخش، غلام رسول نوابشاهي، سينگار علي سليم، قمر سومرو، انور وسطڙو، مصري خان جمالي، ڦوٽو خان زرداري، اقبال جوڳي وغيره.

موسيقي ڪمپوز ڪندڙ موسيقارن ۾ استاد محمد ابراهيم، استاد نذر حسين، استاد محمد جمن، غلام نبي عبداللطيف، استاد نياز علي، استاد فيروز گل،

موسيقي جا ساز وڄائيندڙ سازنده استاد فياض حسنين طبلي نواز، استاد جمال خان طبلي نواز، استاد غلام محمد عرف غلامون، احمد نواز پکوازي، مجيد خان سارنگي نواز، بلاول بئنجو نواز، اعجاز قريشي تانپوره نواز، استاد نذير خان طبلي نواز، محمد علي وائلن ساز وڄائيندڙ، مجيد خان سارنگي نواز، امير خان سارنگي نواز، ڪلاسيڪل موسيقي جا ناميارا نالا استاد امير علي عرف پيرو خان ۽ استاد خورشيد خان.

چائلڊ آرٽسٽ فنڪارن ۾: رجب علي شامل آهي، جنهن پنجن سالن جي ڄمار ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ٻارن جي پروگرام ۾ ڳائڻ شروع ڪري ڏنو، مختيار علي، مظهر علي، ذوالفقار علي، امانت گل، استاد صادق علي، غزل گيت ڳائيندڙ بيڙو فقير ۽ ممتاز لاشاري، شيخ محمد اسماعيل، شيخ محمد ابراهيم، اقبال جعفري، ارشاد علي، محمد علي، مصطفيٰ قريشي، اناؤنسرن ۾ وڏو نالو عبداللطيف عباسي، محمد علي ٻگهيو، زاهد قلباڻي، محمد قاسم ماڪا، گل حسن قريشي، جهانگير قريشي ۽ عبدالغفور ڪوسو، استاد گلزار علي خان سانگهڙ وارو، استاد رشيد علي خان صوفي ڪلام ڳائيندڙ ٽنڊو آدم، يار محمد فقير، (سنگ وارو)، عنايت فقير،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام قادر، مصري ڏيپلائي، مشتاق علي، امير بخش جتوئي، عبدالله ڪڇي، عبدالله پنهور، سچڻ فقير، واجد بخش جمالي، حميد علي سيوهاڻي، شادي فقير، حاجي خير محمد، دين محمد ميرپور وارو، شفيع فقير، چاڪر علي چانڊيو، ارباب ڪوسو، وريل داس، هادي بخش، چاندي فقير (چيڙين وارو).

سازيندڙ: عارف علي شاهه صالح ساند ڪلاسيڪل منو. ميراڻي قاضي احمد وارو، ڪلاسيڪل، بسنت فقير شهنائي وارو، ٻير فقير شهنائي وارو، حاجي فقير شهنائي وارو، سانوڻ فقير شهنائي وارو، عبدالله شهنائي وارو، جنڊڙي فقير ڳائڻ وارو، حاڪم علي ڳائڻ وارو، عثمان ڪڇي، هاشم ڪڇي (منو ڪڇي جا ساٿي) ياسين فقير، رمضان اردو ڪلام ڳائيندڙ، عظيم سرور، اڪبر علي. ديدار، علمز الدين، حضور بخش هزاري، بيگم اختر، امير علي، دين محمد دمساز، شاهه جو ڪلام ڳائيندڙ، غلام شاهه، خان محمد فقير ۽ نظير حسين، لونگ فقير ڍولڪ وارو، عبدالله ڍولڪ وارو، غلام حسين ڪليري ڍولڪ وارو، نياز خان سارنگي وارو، امام بخش ڪلانت وارو، برڪت ڪلانت وارو، حبيب الدين خان ستار وارو، احمد گهڙي وارو، منو خان گهڙي وارو، مقبول خان چترونيا وارو، ظهير وارثي، جمال صديقي، دائم حسين ڪمپوزر، ڪمپوزر اقبال، غلام نبي، عبداللطيف، رحمت الله بينجي وارو، ڪالي خان ميڊولين وارو، چنگا ميڊولين وارو، جمعو فقير نقارچي، حڪم الدين وائلن وارو، الله بچايو ڪوسو، الغوزو نواز، خميسو خان الغوزو نواز، غوث بخش بروهي، الغوزو نواز، ويهومل الغوزو نواز، اڪبر خميسو الغوزو نواز، محمد عرس الغوزو نواز، محمد عرس الغوزي نواز، فيض محمد چنگ وارو، مصري جوڳي بين وارو، رشيد ڪاسائي شامل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ريڊيو جي دنيا

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سپ ڪان پهرين 17_8_1955ع تي هوم اسٽيڊ هال حيدرآباد جي عمارت ۾ قائم ڪئي وئي، ان وقت جي وفاقي وزير اطلاعات پير علي محمد شاهه راشدي جي هدايت تي هڪ مهيني جي مختصر وقت تي قائم ڪئي وئي. جنهن جو افتتاح پير علي محمد شاهه راشدي جي موجودگي ۾ گواليار خاندان جي گهراڻي جي خانصاحب مبارڪ علي خان ڪان ڪرايو ويو.

پهرين جولائي 1955ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو پهريون ريجنل ڊائريڪٽر ظفر حسين کي مقرر ڪيو ويو. جيڪو 12 سيپٽمبر 1955ع ڪان 27 آگسٽ 1957ع تائين حميد نسيم تائين ڪم ڪيو. 27 آگسٽ 1957ع ڪان 19 مئي 958.ع تائين اي اي حفيظ، 19 مئي 1958ع ڪان 22 جولائي 1961ع تائين حميد نسيم 17 نومبر 1958ع ڪان 22 جولائي 1961ع تائين سجاد حيدر، 5 آگسٽ 1961ع ڪان 2 اپريل 1962ع تائين اي ايم چاڳلا، 28 ڊسمبر 1962ع تي صدر پاڪستان فيلڊ مارشل محمد ايوب خان نئين عمارت جو افتتاح ڪيو.

2 اپريل 1962ع ڪان 27 مئي 1964ع تائين سجاد حيدر، 24 آگسٽ 1970ع ڪان 29 فيبروري 1972ع تائين ايم اي ڪاظمي، پهرين مارچ 1972ع ڪان 19 ڊسمبر 1972ع تائين ايم بي انصاري محمد بخش انصاري، 20 آگسٽ 1972ع ڪان محمد بخش انصاري کي پهرين اپريل 1974ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين اسٽيشن ڊائريڪٽر طور مقرر ڪيو ويو. پهرين اپريل 1974ع کان 18 مئي 1974ع تائين ايم ايم چاڳلا کي مقرر ڪيو ويو. 20 مئي 1974ع کان 31 جولائي 1974ع کان محمد بخش انصاري، 5 آگسٽ 1974ع کان 30 مئي 1981ع تائين الياس عشقي کي مقرر ڪيو ويو. جنهن جي دور ۾ انور سولنگي، صالح محمد شاهه جهڙين فنڪارن کي ريڊيو پاڪستان تان بي گناهه نيڪالي ڏني وئي. 6 جون 1981ع کان 27 آگسٽ 1984ع تائين بدر عالم، 29 آگسٽ 1984ع کان 29 اپريل 1995ع تائين عنايت بلوچ، 24 اپريل 1995ع کان 5 مارچ 1996ع تائين شڪيل احمد فاروقي، 7 مارچ 1996ع کان 25 مئي 1997ع تائين امداد علي خواجه، پهرين آگسٽ 1997ع کان 14 ڊسمبر 2000ع تائين سڪندر بلوچ، 16 سيپٽمبر 2000ع تائين منير احمد سومرو، 25 اپريل 2001ع کان 31 ڊسمبر 2001ع تائين زاهد حسين قلباڻي کي مقرر ڪيو ويو.

پهرين جنوري 2002ع کان 20 سيپٽمبر 2002ع ملڪ عزيزالرحمان الخ 21 سيپٽمبر 2002ع کان 20 جنوري 2003ع تائين محمد شفيع، 17 فيبروري 2003ع کان 10 جولائي 2004ع تائين فخرالدين بلوچ، 23 جولائي 2004ع کان 14 جون 2005ع کان سيد قمر حسين، 4 جولائي 2005ع کان 21 ڊسمبر 2006ع تائين فخرالدين بلوچ، 22 ڊسمبر 2006ع کان 6 مارچ 2007ع نصير بيگ مرزا، 7 مارچ 2007ع کان 5 مئي 2008ع تائين انيس الرحمان صديقي، هن وقت 16 مئي 2008ع کان نصير بيگ مرزا اسٽيشن ڊائريڪٽر آهي. جڏهن ته پروگرام مئنيجر ايف ايم 101


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد، الاهي بخش ٻانيڻ. جڏهن تہ سينئر پروڊيوسر عرفان انصاري آهي.

ايف ايم 101 حيدرآباد جو افتتاح 14 جولائي 2002ع تي وفاقي وزير اطلاعات نثار ميمڻ ڪيو هو. محمد اسلم بلوچ ايف ايم جو پهريون انچارج ۽ پروگرام مئنيجر 14_7_2002ع کان وٺي 7 آڪٽوبر 2003ع تائين رهيو. جنهن بعد هن جو انتقال ٿي ويو. نصير مرزا 10 جنوري 2003ع کان 30 مارچ 2007ع تائين پروگرام مئنيجر ۽ انچارج ايف ايم 101 حيدرآباد رهيو. جنهن بعد مسٽر الاهي بخش ٻانيڻ 30 مارچ 2007ع کان 11 مئي 2008ع تائين پروگرام مئنيجر ۽ انچارج ايف ايم 101 حيدرآباد رهيا. مسٽر گل.حسن قريشي انچارج 12 مئي 2008ع کان هن وقت تائين 10 ڊسمبر 2009ع تائين رهيا آهن. پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا ڊپٽي ڪنٽرولر پڻ رهيا، هن وقت ايف ايم ڀٽ شاهہ تي اسٽيشن ڊائريڪٽر آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# استاد اُميد علي خان

نندي ڪندڙ جو مهان گائيڪ استاد اميد علي خان ۽ گواليار گهراڻي جو سردار گائيڪ سن 1922ع ۾ استاد پياري خان جي گهر ۾ ننڍي آغا حيدرآباد ۾ ولادت ٿي. استاد اميد علي خان کي ”تمغهٔ حُسن ڪارڪردگي“ 1930ع ۾ عطا ڪيو ويو. استاد اميد علي خان جا وڏا راڳ بابت وڏي ڄاڻ رکندڙ امير ترين سيٺ وشنداس طرفان ڏنل رهائشگاهه ۾ رهندا هئا. سيٺ وشنداس جو ڪاروبار ڪراچي تائين وسيع هو. مرزا پاڙي ۾ سندس هڪ وڏو ڪارخانو هوندو هو. استاد پياري خان پنهنجي وقت جو تمام وڏو گائيڪ هو. پر بدقسمتي سان سندس ڪوبه رڪارڊ موجود ناهي. پر سندس موسيقي بابت ان علم ڄاڻ مهارت بابت ڄاڻ سينه به سينه موسيقي بابت ڄاڻ رکندڙ علم رکندڙ ماڻهن کان حاصل ڪري سگهجي ٿي. جيڪي هن وقت هندوستان ۽ پاڪستان ۾ موجود آهن، جيئن ته ان سلسلي ۾ برک ليکڪ امر جليل پڻ چيو آهي ته استاد اميد علي پهرين نمبر جي گائيڪن ۾ شامل آهي. گرامافون ڪمپني هز وائس ماسٽر ڪمپني ڪيس پنهنجي گائڪي پهرين نمبر جي گائيڪن پنهنجو فن محفوظ نه ڪرايو. انهن جي رڪارڊنگ ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته اهي پنهنجي فن کي موقد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ته ان وقت جي ٻئي، ٽين نمبر جا فنڪار ان صف ۾ شامل هئا. استاد پياري خان اميد علي خان جو نالو هند سنڌ ۾ تمام گهڻو شامل هو. پر ان وقت ۾ افغانستان جو بادشاهه امير امان الله خان، امير حبيب الله خان هڪ ڀيرو شاهي محل ۾ موسيقي جي محفل دوران ڳالهائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو. استاد پياري خان کيس ڇٽي ڏنو تہ ڪر (گڏھ) ٻڌندا ھٹاسين پر اڄ ڏناسين، جنھن بعد بادشاھ غوز سان موسيقي ٻڌڻ لڳو. ان ڳالھ جو ٻروء اثر نہ ورتائين. افغانستان ۾ موسيقيءَ جو ٻج خاص طرح سان ڪلاسيڪل موسيقيءَ جو ٻج پٺاڻڪي سرزمين افغانستان ۾ ڇٽيو، جيڪا سخت دل پٺاڻن جي زمين آھي، ۾ ڪلاسيڪل موسيقي جي لاءِ وڏو چاھ ۽ محبت پيدا ڪئي، جيڪا ھن وقت پڻ موجود آھي. استاد اُميد علي خان ڪلاسيڪل موسيقي بابت تعليم پنھنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ قاعدن ۽ قانونن موجب کيس پنھنجي ياءُ سينڌي خان جو شاگرد بنايو. سينڌي خان جنھن جي باري ۾ بيشمار ويب سائيٽن ۾ مواد موجود آھي.

ھن ملڪ کي خيرآباد چئي ھميشہ جي لاءِ بمبئي ۾ سڪونت رھائش اختيار ڪئي. سندس شاگردن ۾ اڌ ھندستان شامل آھي. کيس سنڌي بابا جي نالي سان پڻ ياد ڪيو ۽ سڏيو ويندو ھو. ان کان پوءِ ھن لفظ جي مختلف تلفظن جي ڪري نالي جي شڪل بگڙي سينڌي خان، شينڌي خان وغيره ٿي وئي. ھن وقت ان بابت ويب سائيٽن تي مواد موجود آھي. ڀارت ۾ موسيقي بابت وڏي چاڻ رکندڙ ۽ موسيقي بابت مڪمل اٿارٽي پروفيسر ديو ڌر جيڪو ڀارت ۾ موسيقي جي اڪيڊمي ھلائي ٿو، اھو بہ سينڌي خان، شينڌو خان جي شاگرد پنڊت جو شاگرد ھو. يعني ھو پروفيسر سندس شاگرد جو شاگرد ھو. پروفيسر ڊاڪٽر ديوڌر جي بمبئي ۾ موسيقي جي اڪيڊمي آھي. سندس اڪيڊمي مان امتحان پاس ڪندڙ شاگرد بنا آڊيشن ڏيڻ جي ريڊيو تي پروگرام ڪري سگھندا آھن ۽ کين پروگرام ڏنو ويندو آھي. استاد اميد علي خان 12 _ 15 سال ساندھ سکيا حاصل ڪئي، جڏھن تہ والد کيس سمجھيو ھو، ھن ان کي ان وقت تيار ڪيو. ان کي کيس ان وقت ميدان ۾ آندو ۽ کيس ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت جي راڳين پسند ڪيو. هن جهڙا فنڪار صدين ۾ پيدا ڪونہ ٿيندا آهن. سندس سُر جي ابتدا آ، ۽ راڳ جي شروعات آ، ۽ اثين ٻين ڳائڻ وارن سڄو ڳائڻ هڪٻئي جا مٽ ڪونہ هئا، جيئن تہ هن گهراڻي جي اها هڪ اهم خوبي اڪار جو ڳائڻ راڳ جي سچائي صحيح بندش جيڪا مستند نائڪن جي ناهيل هجي، تيز تراري تانن جي تياري ۽ ڪوڙين تانن کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

هڪ سچو پڪو راڳي ڪڏهن بہ ڳائڻ مهل چهري منهن کي خراب نہ ڪرڻ، سُر ۽ لئي جي پڪائي، سيني اندر جي آواز سان ڳائڻ ان جون بنيادون ٿينديون آهن. غلط ڳائڻ، نڪ مان ڳائڻ خراب ڳالهہ آهي، استاد اميد علي خان ننڍي عمر ۾ مشهور ڳائيڪ استاد اُستاد عاشق علي خان سان گڏ سالن جا سال ڳائيندو رهيو هو. هن اهڙي فنڪار سان گڏ ڳايو جنهن سان ڳائڻ تمام ڏکي ڳالهہ هئي. سنڌ ۾ جيڪو بہ ڳائڻ جو پروگرام ٿيندو هو، ان ۾ راڳ جا شوقين انهن ٻنهي کي گڏ ڪلام ڳائيندا ٻڌندا هئا يا وري انهن کي هيٺ مٿي ڪري ڳارائيندا هئا.

هڪ ڀيري هڪ ميلي تي جڏهن ڌُرت ۾ ٻئي ڳائيڪ پهتا تہ ان وقت استاد عاشق علي خان جي وات مان رت نڪري آيو. اها ڳالهہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ميلي جي موقعي تي پيش آيو. ڪجهہ نام نهاد دانشور اثين ٿا چون تہ استاد اميد علي خان استاد عاشق علي خان جو شاگرد هو، پر اثين نہ آهي، جنهن جو ثبوت رڪارڊ اڄ تائين موجود آهي. انهن کي اها خبر پئجي سگهي ٿي تہ جيڪو آڪار ۾ ڳالهائي ٿو اها استاد اميد علي خان آهي، جيڪو آڪار کان ٻاهر آهي اها استاد عاشق علي خان آهي.

(هن مضمون جي تياريءَ جي سلسلي ۾ جناب سيندي خان شيخ، ڊپٽي سيڪريٽري ترقيات کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي جو ٿورائتو آهيان. مرتب)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# استاد منظور علي خان

استاد منظور علي خان 1922ع ۾ جنم ورتو. جڏهن تہ بقول استاد منظور علي خان جي سندس جنم 1926ع آهي. استاد بي بر خان طرفان سن 1927ع پڻ ڄاڻايل آهي. شڪارپور ۾ خان صاحب جمالو خان جي گهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم ورنيڪيولر اسڪول نمبر 01 شڪارپور مان حاصل ڪيائين.

جڏهن تہ موسيقي بابت ميوزڪ ٽيچر لالي خان پنهنجي والد جمالو خان ۽ پنهنجي سئوٽ سينڌو خان صاحب کان جڏهن تہ لئي ۽ تال پنهنجي چاچي پيربخش جي تعليم حاصل ڪئي.

استاد منظور علي خان جو تعلق فتحپور چوڙيان امرتسر پنجاب انڊيا سان آهي. سندن وڏا شڪارپور لڏي آيا. انهن جي وڏن جن ۾ استاد شادي خان، گامڻ خان، محمد خان، جمالو خان، استاد بي بو خان شامل آهن. سندن وڏن جو هندوستاني ڪلاسيڪي راڳ ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو. جڏهن تہ استاد منظور علي خان سنڌي موسيقي کي ڪلاسڪ انداز ۾ ڳائي هڪ نئون انداز ڏنو.

استاد منظور علي خان پيرووين تلنگ، ڪوهياري، پيم پلاس، اليا بلاول، شڌ سارنگ، سري راڳ، پرج جي صورت ۾ ڳايو. استاد منظور علي خان جي شڪارپور جي موسيقي جي مقابلن (هاڻين) ۾ سکيا حاصل ڪيل هئي. رياضت سبب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موسيقي جي مقابلن ۾ ڪاميابي مٿان ڪاميابي ماڻيندا رهيا.

بابا بُلهي شاهه جو ڪلام دل لڳ گئي بي پرواهه دي نال، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام آءُ راڻا راهه رات، جنهن کي بعد ۾ نورجهان فلم سورٺ جي لاءِ ڳايو. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام پرچن شال پنهوار، سيد خاڪم علي شاهه جو ڪلام عمر ديس پنهنجو وسارڻ ڏکيو آهي.

استاد منظور علي خان کي هر صنف ڌرپد، بڙا خيال، ڇوٽا خيال، ترانه، ٺپه، هوري، ٺمري، ڪافي، گيت، غزل، ڏوهيڙا، سوز، سلام، منقبت ۽ قصيدو وغيره ڳائڻ تي پورو پورو ملڪو حاصل هو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو پروڊيوسر سائين صالح شاهه جو ڪلام تنهنجي زلف جي بند اسير ڪيا. بابا بلهي شاهه جو ڪلام انت بهر دي خبر نه ڪائي رنگي رنگ بڻايا، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام آئون ڪو ڄاڻان پنڌ ڪيچ جو، انور بلوچ استاد جا ڪلام ريڪارڊ ڪرائيندو هو. استاد منظور علي خان ميدائي گويو هو. جنهن هڪ ٻئي جي مٿان ڳائڻ راڳن جي انتر کي سمجهڻ ۽ هڪ راڳ کي ختم ڪرڻ بي راڳ کي اڳتي آڻڻ جي پوري پوري مهارت ۽ صلاحيت هوندي هئي.

استاد منظور علي خان استاد بڙي غلام علي خان، استاد ميان مبارڪ علي خان جو باقاعده ڳاني بڌل شاگرد ٿيو. استاد منظور علي خان بابت ذوالفقار علي قريشي پي ايڇ ڊي ڪري رهيو آهي. استاد منظور علي خان اهڙو سخي مرد هو شڪارپور جي هڪ تقريب ۾ ڳائڻ وقت ڪيس ان وقت جا 25 هزار گهور جا هڪ غريب جي نياڻي جي شادي جا ڏيئي پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڪيسي مان پاڙو ڪري خير سان ٽندو آدم پهتا.

سندس اولاد مان وڏي نياڻي افروز بيگم جيڪا استاد فتح عليءَ خان جي گهر ۾ ڏنل هئي تازو وفات ڪري وئي. جڏهن ٻي نياڻي رخسانه بيگم سابق ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد سينڌو خان شيخ جي گهر ۾ ڏنل آهي. جڏهن ته ننڍي نياڻي پيارو خان مرحوم اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ کي ڏنل هئي.

استاد منظور علي خان 9 سيپٽمبر 1982ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس ٻه گهر واريون هيون، هڪ شڪارپور مان ٻي ٽندو آدم مان آهي. سندس اوڻٽيهين ورسي 9 سيپٽمبر 2009ع تي تي ملهائي ويئي. مختلف اخبارن سندس بابت مضمون شائع ڪيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اقبال بانو مرحوم

اقبال بانو 1935ع ۾ دهلي ۾ پيدا ٿي. جڏهن ته 21 اپريل 2009ع تي هن فاني دنيا مان واڏاڻو ڪري وئي. هه پٽ هڪ ڌيءُ سوڳوار ڇڏيا آهن. ڪجهه وقت بيمار رهڻ بعد ڪلاسيڪي گائڪي جي باقاعده تربيت سکيا حاصل ڪئي. ٽي وي ۾ هن کي وڏو مقام حاصل هو. اها استاد چاند خان جي شاگردياڻي هئي. بابل کي گيت هين ڇم ڇم کي تو لاک چلي ته ته کي، فيض احمد فيض احمد فراز ۽ علامه اقبال جا غزل ڳائيا. لازم هين هم ڀي ديکين گي. هر ظالم آمر جي دور ۾ حبيب جالب جو ڪلام ڳائيائين. دشت تنهائي مين، اس بي وفا کا شهر هي اور هم هين دوستو، عشق ليليٰ ستم و تم سو کيا پرسان 11 گذري پل ڪراچي احمد بلاڪ گارڊن ٽائون، 1957ع ۾ لاهور ۾ پرفارم ڪيو. فارسي ۾ غزل ڳائڻ سبب افغانستان ۾ صدارتي ايوارڊ ڪيس ڏنو ويو.

اموا کي ڏالي پي، جاذبيت انداز ۾ مقناطيسي ڪشش ۽ سرگوشي سرن ۾ سانت ۽ سڪوت جو سنگم موجود هو. الفت ڪي نين منزل ڪو چلا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# استاد نياز حسين

استاد نياز حسين محمد ابراهيم قريشي استاد بي بو خان جي گهر ۾ 24 جنوري 1936ع ۾ ڪراچي ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم الفاروق مسلم پرائمري اسڪول ڪاهي روڊ حيدرآباد مان سنڌي فائنل امتحان پاس ڪيو. موسيقي جي سکيا سنڌ ميوزڪ ڪاليج ڪاهي روڊ حيدرآباد مان 1950ع ۾ حاصل ڪئي. سندن وڏن جو موسيقي جي لحاظ کان گواليار سان تعلق آهي. استاد نياز حسين موسيقي جي تعليم استاد بي بو خان ۽ استاد مبارڪ علي خان کان حاصل ڪئي.

استاد نياز حسين جو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وائي باقاعده موسيقي ڏئي ۽ وائي جو پهريون پهريون باقاعده موسيقار آهي. سندس شادي خانہ آبادي 12 مئي 1962ع تي ٿي، جنهن مان ذوالفقار علي، نذر حُسين، مظهر حسين، امانت علي ۽ هڪ نياڻي آهي. پاڻ 1955ع کان وٺي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان لاڳاپيل رهيا. راڳ مالڪوس، ڀوپالي، سنڌڙا، تلنگ، ڀيروين، لوڙائو، ميان ڪي ٽوڙي، وائلن، اڪارڊين، بيجو، سِتار، گٽار، ومپرونيا، هارمونيم، پيانو ساز وڄائڻ ۾ مهارت رکندا هئا.

1981ع ۾ سنڌي ناٽڪ سال جي سلسلي ۾ ليليٰ مجنون، انڪوائري آفيسر، ٽي پاپڙ، زميندار ي ظُلم، شاهدي، تماشو ڇهن ناٽڪن جي پس پرده موسيقي ترتيب ڏني. سندس شاگردن ۾ استاد محمد يوسف، شازيا خشڪ، پري وش ڀٽو، مهتاب بلوچ، سحرش ميمڻ، مسعود رانا، رجب علي، ذوالفقار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علي، نذير حسين، مظهر علي، امانت علي، ديدار حسين، ڪرم حسين، محبت علي شامل آهن.

هن 1964ع کان وٺي 1984ع تائين پي ٽي وي تي پروگرام ڪيائين. 1990ع ۾ سندن آخري پروگرام سر جو سفر رڪارڊ ڪيو ويو. موسيقارن ۾ سندن شاگرد سهيل رعنا، غلام علي، ظفر علي، فتح علي شامل آهن. فنڪارن ۾ عابده پروين، علڻ فقير، وحيد علي، مائي ڀاڳي، نور بانو، فوزيا سومرو، زرينا بلوچ، سحرش ميمڻ شامل آهن.

ڪيس پي ٽي وي طرفان 1964ع ۾ ايوارڊ سرٽيفڪيٽ، 1974ع ۾ لال شهباز قلندر ايوارڊ، 1986ع ۾ خصوصي ايوارڊ، 88_1987ع ۾ سچل سرمست ايوارڊ، 1992ع ۾ پرائڊ ايوارڊ شاهه لطيف ايوارڊ 2009ع، 1991ع ۾ ترڪي جو پرڏيهي دورو ڪري موسيقي جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي.

استاد نياز حسين هن فاني دنيا مان 07 فيبروري 1992ع تي وفات ڪري ويو. ان وقت سندس عمر 56 سال هئي. کين ٽنڊو يوسف حيدرآباد جي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

استاد نياز حسين پنهنجي همعصر موسيقارن ۾ اهم مقام رکندو هو. سندس فني خدمتون وسارڻ جهڙيون ناهن. استاد نياز حسين فقير منش انسان هو. استاد نياز حسين جهڙا موسيقار صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. هو موسيقي جو وڏو پارکو ۽ ڌن ناهڻ جو ماهر هو.

استاد نياز حسين سُر لئي جو ڄاڻو گائيڪ، ناٽڪ، ساز وڄائڻ جو ماهر موسيقار هو. نرم مزاج وارو فنڪار هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخت پورهيو ڪنڌڙ سندس وفات ڪان هڪ وڏو خال پيدا ٿيو آهي.

استاد نياز حسين پنهنجي ڪم جو وڏو ڄاڻو ۽ ماهر استاد هو. استاد نياز حسين فن جي حقيقي معيار تي برقرار رکيو. هن جي موسيقي تي پوري ڪمانڊ هئي.

امداد حسيني جو لکيل گيت مون جڏهن ڪو ڏيئو جلايو آ، عابده پروين جي آواز ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو آهي، اڃها ريل آئي، رجب علي طرفان ٻارن لاءِ ڳايل گيت، جب سي تو ني مجهي ديوانا بنا رکها هي، عابده پروين طرفان ڳايل ڪلام ديوارون سي باتين ڪرنا اڃا لگتا هي، ظهير احمد وارثي طرفان ڳايل ڪلام اڄ به ماڻهن جي ڪنن ۾ رس گهولي رهيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موسيقار فيروز گل مرحوم

فيروز گل 16 جون 1943ع تي حيدرآباد جي ڪاهي روڊ واري شيخ پاڙي ۾ رحيم بخش شيخ جي گهر ۾ جنم ورتو.

هن ابتدائي تعليم قاضي عبدالقيوم مڊل اسڪول بعد ۾ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد جي پرئڪٽسنگ اسڪول مان ميٽرڪ پاس ڪئي.

هن فني سفر جو آغاز 1969ع ۾ سنڌي فلم رنگ محل سان ڪيو، جنهن ۾ ڳايل گانو "ملي پيار جي منزل، سيئي ارمان ٿيا پورا." استاد يوسف ڳائي، سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿيو. هن 1972ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ راڳي طور اسٽاف آرٽسٽ پرتي ڪيو ويو. هن پنهنجي حياتي ۾ 22 فلمن جي موسيقي ڏني، هن پرڏيهه ۾ وڃي سنڌي موسيقي کي عام ڪيو. کيس لطيف ايوارڊ ۽ شهباز ايوارڊ ڏنا ويا. جڏهن ته کيس صدارتي ايوارڊ جي لاءِ صدر فاروق لغاري جي دور ۾ نامزد ڪيو ويو هو.

هن آمريڪا، برطانيه، جرمني، فرانس، ڪئنيڊا، جاپان، آسٽريليا، ڀارت، سنگاپور، اٽلي، سوئٽزرلئنڊ، ڊينمارڪ ۽ ٻين ملڪن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. هن جڏهن عابده پروين سان گڏ موسيقي ڏني ته عابده پروين تمام گهڻي داد حاصل ڪئي. هن ملڪهٔ ترنم نورجهان ۽ رونا ليليٰ سان گڏ موسيقي ڏني. جڏهن ته ناهيد اختر سندس شاگرديائڻي هئي. سندس پٽ امانت گل پڻ فن جي خدمت ڪئي. هن 40 سال فن جي خدمت ڪندي 14 آڪٽوبر 1996ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ماسٽر محمد ابراهيم ڪڇي مرحوم

ماسٽر محمد ابراهيم 1920ع ۾ ڀارت جي رياست ڪڇ جي ڳادي واري هنڌ ڀڄ کان 36 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ واقع ٽونا هاربر پورٽ ويجهو ڳوٺ سيلايا ۾ ...... جي گهر ۾ جنم ورتو.

ماسٽر محمد ابراهيم جا وڏا اردن مان لڏي هن ڳوٺ ۾ آباد ٿيا. هن ابتدائي تعليم دوران اسڪول جي اسيمبلي ۾ پرارٿنا دعا پڙهڻ وارن جي اڳواڻي ڪندو هو. هن گجراتي ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. ڪيس ممبئي جي موسيقي جي ڪاليج گانڌرو سنگت مهاوديالا ۾ داخلا ورتي. ان مهاوديالا جو پرنسپل پروفيسر گهوجي هو، جڏهن ته پروفيسر نارائڻ هو. ماسٽر ابراهيم احمد آباد ۾ ڪپڙي جي هڪ مل ۾ ملازمت اختيار ڪئي ۽ اتي ڏرم لال ڳائڻي جو شاگرد بڻيو.

1946ع ڌاري سندس والد بزرگوار جي وفات بعد ڪراچي انجنيئرنگ ورڪس ڪياماڙي ڪراچي ۾ مڪينڪ جي حيثيت ۾ نوڪري اختيار ڪيائين. جتي سامونڊي جهازن جي مرمت جو ڪم ٿيندو هو. جتان فارغ ٿيڻ بعد ڪڇي ٻولي ۾ ڳائڻ شروع ڪيائين. جيڪا سندس مادري زبان هئي. ڪراچي جي سامونڊي علائقي جي ڪپ تي رهندڙ ماڻهو ماڇي، مهاڻا سنڌي ڳالهائيندا هئا. هن سنڌي ٻولي سکڻ بعد سنڌيءَ ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. محمد ابراهيم هڪئي وقت ۾ اردو، سنڌي ڪڇي ۽ گجراتي ۾ ڳائڻ لڳو.

ڪيس ريڊيو پاڪستان ڪراچي 1948ع ۾ اردو ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳائڻ شروع ڪيو. جڏهن ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد هوم اسٽيڊ هال ۾ 1955ع ڌاري قائم ڪيو ويو ته ڪيس اتي بدلي ڪري رکيو ويو، جتي هن جو پهريون پيرو آواز نشر ٿيو. جڏهن ته ريڊيو پاڪستان ڪراچي تان سندس آواز ۾ قومي ترانو ريڪارڊ ڪيو ويو.

ماسٽر محمد ابراهيم هزارين گيت ڳايا. گيت ڪمپوز ڪيا. انهن ۾ اردو، سنڌي، پنجابي، بلوچي، پشتو، سرائيڪي، گجراتي ۽ ڪڇي گيت شامل آهن. هن حمد، نعت، منقبت، مرثيو، ڪافي، وائي، گيت، غزل، نظم پڻ ڳايا آهن. ٻارن جي لاءِ گيت، لوڪ گيت، لوڪ داستانئر، فلمي گيت جن ۾ عمر مارئي، سسئي پنهون، پرديسي مارو، پراڻي زمين، تنهنجون ڳالهيون سڄڻ شامل آهن. جڏهن ته گراموفون ڪمپني طرفان هن جا گيت ريڪارڊ ڪيا ويا. ريڊيو ۽ ٽي وي تي ڪمپوزر طور ڪم ڪيائين. هن پنهنجو استاد عبداللطيف عباسي، ان وقت جي ريڊيو انائونسر کي تسليم ڪيو. سندس ڪلام ايندو سڄڻ سائين الا منهنجو ايندو ڍولڻ سائين، شاهه جو ڪلام مشهور ٿيا. ماسٽر ابراهيمؒ کي ٻه پٽ، جن مان هڪ پٽ نور محمد بالا رٽائرڊ استاد شاعر آهي. ٻيو پٽ محمد صديق احمد جيڪو احمد ابراهيم جي نالي سان مشهور آهي. ماسٽر ابراهيم کي شاهه لطيف ايوارڊ 2005ع ۾ حڪومت سنڌ ثقافت کاتي طرفان ڏنو ويو. 03 مئي 1997ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. کيس ميوي شاهه قبرستان ڪراچي ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

(روزانو عبرت، عوامي آواز، هلال پاڪستان ڪراچي جي ٿورن سان هي مضمون شايع ڪجي ٿو.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# استاد محمد جمن مرحوم

استاد محمد جمن 10 آڪٽوبر 1935ع ڳوٺ ڪنڊ جهنگ حاجي احمد. سخيراڻي جنيءَ گهر ۾ جنم ورتو. استاد محمد جمن جا وڏا اصل لسٻيلي بلوچستان جا رهاڪو هئا. استاد محمد جمن 14 آگسٽ 1948ع تي ڪراچي ريڊيو اسٽيشن جيڪا ان وقت جي انٽيليجنس اسڪول مان نشريات شروع ڪئي. بنسري وڄائيندڙ محمد جمن کي ذوالفقار علي شاهه بخاري چانس ڏنو. ڪيس لوڪ گائڻ جي صف ۾ شامل ڪيو. محمد جمن راڳ ڪوهياري مان ڌن ٻڌائي، جنهن بعد ڪيس اسٽاف آرٽسٽ جي حيثيت ۾ ملازم رکيو ويو.

استاد محمد جمن 1949ع ۾ محمد ابراهيم ڪڇي سان گڏجي ريڊيو پاڪستان ڪراچي تان ڳايو. 1957_58ع ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي پهرين پروڊيوسر علي محمد چاڳلا ڪيس صلاح ڏني ته اهو ڪجهه لکي پڙهي. محمد جمن اڌ ڳابرو پهريون درجو پڙهيو، لڪڻ جهڙو ٿيو ۽ سنڌي تلفظ اچارڻ ڪان پوءِ تلفظ سڌاريائين. هن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام کي بهتر نموني ڳايو آهي. دوست پيهي در آيو، ٿيو ملڻ جو سعيو.

17 آگسٽ 1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جيڪو ان وقت هوم اسٽيڊ هال ۾ قائم ڪيو ويو هو ته ڪيس موسيقار جي حيثيت ۾ حيدرآباد بدلي ڪري رکيو ويو. استاد محمد جمن جو ڪمپوز ڪيل ڪلام: يار ڏاڍي عشق آتش لائي، جيڪو هن پاڻ ڳايو آهي. پاڪستان جي ڪنهن فنڪار ۾ طاقت ناهي ان انداز ۾ ڳائي ڏيکاري.

استاد محمد جمن سان منهنجي ملاقات پنهنجي والد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بزرگوار علي محمد پنو جي ڪمري ۾ ٿي. جيڪو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پرونائونسيئيشن چيڪر هوندو هو. ان ڪمري ۾ محمد خان غني مرحوم، منظور حسين ڪمتر نقوي، مظفر حسين جوش ويهندا هئا. اهي اسڪرپٽ رائٽر ۽ وڏا اديب، شاعر، صحافي ۽ دانشور هئا. منهنجو ملڪ ملير، ڪوٺن ۾ آئون ڪيئن گذاريان.

استاد محمد جمن انت بحر دي خبر نہ ڪائي رنگي رنگ ٻڻايا الا آدمي بڻ آيا. بابا بلهي شاهہ جو ڪلام سهڻي نموني ڳايو. استاد محمد جمن تنهنجون ڳالهيون سڄڻ ڪان علاوه ڪالو مڪراني اردو فلم ۾ پڻ ڳايو آهي. استاد محمد جمن سرائيڪي، سنڌي، اردو ڪلام وڏي خوبصورتي سان ڳايو. استاد محمد جمن ڪراچي منتقل ٿي ويو. جتي هو نم جي وڻ جي ڇانو ۾ ويهي رياض ڪندو هو.

استاد محمد جمن پي ٽي وي تي ”ڪر ڏيان دنيا آهي فاني“ مرزا قليچ بيگ جو ڪلام ريڪارڊ ڪرايو هو. استاد محمد جمن جي ڳائڻ جي انداز سبب ملڪئہ ترنم نورجهان، ملڪئہ پکهراج ۽ ٻيا ننڍي کنڊ جا فنڪار سندس عزت احترام ڪندا هئا. استاد محمد جمن جي شاگردن ۾ جيجي زرينا بلوچ، زيب النساءِ، عابده پروين ۽ ٻيا فنڪار شامل آهن.

استاد محمد جمن 1962ع ۾ روس، پارت، بنگلاديش، ايران، انڊونيشيا ۽ افغانستان جو ثقافتي دورو ڪري فن جو مظاهرو ڪيو. ڪيس حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ حضرت سچل سرمست ايوارڊ ۽ ٻيا ملي چڪا آهن. سندس پٽ شفيع محمد پڻ اڄڪلهہ پنهنجي پيءُ جي فن کي زنده رکيو ويٺو آهي.

هن سنڌ جي عظيم راڳي 24 جنوري 1990ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# روبينا قريشي

عاشہ (روبينا قريشي) 19 آڪٽوبر 1940ع تي الاهي بخش شيخ جي گهر حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج فار وومين جي اسڪول مان حاصل ڪئي. جڏهن تہ ميٽرڪ حمايت الاسلام گرلز هاءِ اسڪول تلڪ چاڙهي حيدرآباد گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول مان ڪرڻ بعد 1967_69ع ۾ حمايت الاسلام گرلز هاءِ اسڪول ۾ هاءِ اسڪول ٽيچر مقرر ٿي. بعد ۾ ڪيس ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ بحيثيت گلوڪاره جو آغاز ڪيو. هن جو وڏو ياءُ عبدالغفور شيخ پڻ ڳائيندو هو.

روبينا قريشي 17 آگسٽ 1955ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ايم بي انصاري وٽ آڊيشن جي لاءِ پهتي تہ ان وقت جي ميوزڪ ڊائريڪٽر ماسٽر محمد ابراهيم سندس آڊيشن ورتو ۽ هن پين فنڪارن سان گڏ قومي گيت، شادي جا گيچ، لوڪ گيت ريڪارڊ ڪرايا. ان ڪان علاوه بحيثيت اسٽاف آرٽسٽ سنڌي، اردو ناٽڪن ۾ ڪم ڪيائين. ڪمپيئرنگ ڪرڻ ڪان علاوه گيتن پري ڪهاڻين ۾ گيت ڳاياائين. سندس پهريون ڳايل ڪلام آهي. پيرين پوندي سان، چوندي سان الا رهي وڃ رات پنيور ۾. هن سنڌي فلمن سسئي پنهون ۽ گهونگهٽ لاءِ ڪنور جي لاءِ گيت ريڪارڊ ڪرايا. هن ماسٽر محمد ابراهيم ۽ استاد محمد جمن ڪان باقاعده سکيا حاصل ڪئي. هن انڊونيشيا، چين، ترڪي، ڀارت ۽ برطانيہ ۽ آمريڪا ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روبينا قريشي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ايم اي مسلم هسٽري سال 1974ع ۾ پاس ڪئي. روبينا قريشي بلائينڊ ويلفيئر ايسوسيئيشن ليڊيز ونگ حيدرآباد جي اڳواڻ پڻ آهي. روبينا قريشي جي غلام مصطفيٰ قريشي سان 19 سيپٽمبر 1970ع تي دادن شاهه جي پاڙي حيدرآباد ۾ شادي خانه آبادي ٿي. جنهن ۾ هڪ نياڻي اربيلا پٽ محمد عامر آهي. ڪيس قلندر لعل شهباز ايوارڊ 1996ع ۾ خواجه غلام فريد ايوارڊ ملي چڪا آهن. ڪيس سنڌ جي ڪوئل ۽ بلبل مهراڻ جا لقب ملي چڪا آهن..



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مائي ڀاڳي
## لوڪ گيتن جي راڻي

مائي ڀاڳي 1920ع ڌاري وهينون فقير مڱڻهار جي گهر ۾ مٺي ۽ ڏيپلي لڳ آباد هڪ ڳوٺ ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو ڀاڳ ڀري آهي. هن ننڍپڻ کان ڳائڻ شروع ڪيو، هن جي شادي خانه آبادي هوتي فقير سان ٿي. مائي ڀاڳي جڏهن ڏهه ٻارنهن سالن جي ڄمار ۾ مائي جي بيماري سبب منهن اکين تي نشان ٿي پيا. مائي ڀاڳي ٿر جي ڍاٽڪي ٻولي، مارواڙي، سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ گيت ڳايا آهن.

سنڌس پهريون ڪلام جيڪو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيو اهو آهي تارن مان ترندي اچي، دل ٻاروچل ٻاروچل پئي ڪري، مرلي واري مَن موهيو ڙي الا، مائي ڀاڳي حضرت شاهه عَبداللطيف ڀٽائي کي خوب ڳايو آهي. ڀٽ جا ڀٽائي ڀٽ تي وسين، نور منهنجون تو پڄايون، منهنجون تو پڄايون من جون مرادون، دل جون اميديون. سمن سرڪار سان وڏي محبت هئي، ان کي ڳايو اٿس. سمن سائين مان ته گولي غلام تنهنجي در جي، مٺيون پريندس من سان، دلا پريندس دل سان. مائي ڀاڳي لوڪ گيتن جي راڻي هئي. هن حمل فقير، بابا بلهي شاهه، شيرل فقير ۽ عباس علي شاهه جا ڪلام ڳايا.

مائي ڀاڳي کي حڪومت پاڪستان پاران تمغه حسن ڪارڪردگي ايوارڊ، شاهه لطيف ايوارڊ، سچل سرمست ايوارڊ کان علاوه ٻيا ڪيترائي ايوارڊ مليا آهن. ڪجهه ڏينهن بيمار رهڻ بعد 07 جولائي 1986ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي.

(روزانو عوامي آواز ڪراچي جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رحمان مغل سرمد سنڌي مرحوم

سرمد سنڌي عبدالرحمان مغل 07 مئي 1958ع تي سرٽيفڪيٽ موجب 07 جولائي 1961ع تي حيات علي مغل جي گهر شهر پريالوءِ ضلعي خيرپوز ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول پريالو مان حاصل ڪيائين. ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول پريالو مان پاس ڪرڻ بعد 1980ع ۾ پوليٽيڪنيڪل ڪاليج خيرپور ۾ سول ٽيڪنالاجي ۾ پڙهڻ بعد مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ڄامشورو ۾ داخلا ورتائين.

ڄامشورو ۾ شاگردن جي فنڪشنن ۾ قومي گيت ڳائڻ سبب ڪيس مان مليو. هن ريڊيو پاڪستان تان هڪ ٻارن جو گيت ڳايو ٽانڊاٽا پيارا پيارا ڌرتي جا روشن تارا او ٽانڊاٽا، تنهنجي ياد جي وري آ وير، او لڳي رهي آهي ٽڏڙي هير. او قاتل بدلو وٺنداسين ، وغيره.

1985ع ڌاري سرمد سنڌي رحمان مغل جي نالي سان ۽ بعد ۾ پي ٽي وي تي مقبول ٿيو. سرمد سان هڪ پيرو هيرآباد حيدرآباد جي شاليمار ڪوچ جي بس اسٽاپ تي ملاقات ٿي، ان وقت پنهنجي وني سان ڪراچي وڃي رهيو هو. ٻئي پيري ساٽسن نعمان پلازه جي گلشن اقبال ڪراچي واري فليٽ تي فون تي ڳالهه ٻولهه ٿي. سندس ياءُ حبيب الرحمان جي حوالي سان ڪيس سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي ملازمن جي يونين سنيوا ۾ جشن لطيف جي ڏينهن شرڪت ڪرڻ جي لاءِ ڇيو مانس ۽ پنهنجي وعدي موجب تقريب ۾ خميس ڏينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شرڪت ڪيائين. جڏهن مان ڪراچي مان ٻاهر حيدرآباد ويل هئس واپس آيس ته 28 ڊسمبر تي ڇنڇر ڏينهن تي خبر پئي ته سرمد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي. 27 ڊسمبر 1997ع تي جمعي ڏينهن بدين کان ڪراچي واپس ايندي ٺٽي بدين روڊ تي ديوان شگرمل وٽ هڪ ٽرالر گاڏي کي ٽڪر هنيو. جنهن سبب سندس ڪافي رت وهي ويو. بلاڪنٽ ۾ رت لڳڻ سبب سردي ۾ ڪيس خبر ڪانه پئي ۽ ڪراچي پهچڻ وقت دم ڏنائين.

سرمد سنڌي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ڪاتي، ڪي ڊي اي ڪراچي، سوڪ سينٽر، حسن اسڪوائر ۾ انجنيئر جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو هو. هن وڏي شوق سان شانتي نگر ۾ جاءِ ٺهرائي هئي، پر وفات سبب اتي رهائش اختيار نه ڪري سگهيو.

سندس ڀاءُ احمد مغل هن وقت وڏو فنڪار آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پي ٽي وي جي اداڪارا
# شگفته اعجاز

شگفته اعجاز 05 مئي 1971ع تي پنجاب جي شهر گجرات ۾ ڄمي. ٽي درجا پڙهڻ کان پوءِ ميٽرڪ، انٽر ۽ بي اي ڪراچي مان ڪرڻ بعد ايم اي اسلامڪ اسٽڊيز ۾ ڪرڻ بعد ڪيس ٽي وي تي شوڪت صديقي جي لکيل ناٽڪ جانگلوس ۾ ڪم ڪيائين. بعد ۾ سعودي ايئر لائين ۾ ٻه سال ملازمت ڪرڻ بعد واپس پاڪستان آئي. آنچ ناٽڪ ۾ ڪم ڪيائين. جيڪو تمام گهڻو مقبول ٿيو. شگفته اعجاز جي خواهش هئي ته اها پوليس آفيسر بڻجي جڏهن سندس والد ايئر فورس ۾ ملازم هو، پر قدرت واري ڪيس اداڪارا بڻائي ورتو. شگتفه اعجاز ڪشڪول، واري، گرد، منزلين، اوپر واري، گوري ڪا مڪان ۽ خالد ڪلثوم ڪا ڪنبا ۾ بهترين پرفارمينس ادا ڪئي. هڪ مقبول سلسلي اِن ڪهي ڪهي سکيا جي سلسلي ۾ سندس والد اهم ڪردار ادا ڪيو.

شگفته اعجاز ٻڌايو ته ڪيس پنهنجي والده سان تمام گهڻو پيار آهي، جنهن ڏينهن والده سان نه ملندي آهي ڪيس آرام نه ايندو آهي. شگفته اعجاز جا ڪل پنج ڀائر ڀيٽون آهن ۽ سيئي دوستانا ماحول ۾ رهندا آهن. شگفته اعجاز اسڪول جي زماني ۾ شرارتي هوندي هئي. وڻن تي چڙهي ميوا ٽوڙيندي هئي.

شگفته اعجاز ڀهرين شادي 1994ع ۾ ڪئي، سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڙس عيسائي هو بعد ۾ مسلمان ٿيو. ان کري علحدگي اختيار ڪيائين. ٻي شادي پي ٽي وي جي پروڊيوسر خاور سعيد رضا سان ڪيائين. انِ سان عِليحدگي بعد هينئر يحيٰ سان سندس شادي خانہ آبادي ٿي آهي. جنهن سان خوشي سان زندگي گذارِي رهي آهي. شگفتہ اعجاز کي ٽي ڌيئرون آهن. هن ٻڌايو تہ هن 8 سالن جي عمر کان روزه نماز پڙهڻ کان علاوه قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندي هئي. انهيءَ کري هن سبجيڪٽ اسلامڪ اسٽڊيز ڪنيو ۽ ايم اي ڪيائين. اوهان ڪٽي شاپنگ ڪندا آهيون تہ شگفتہ اعجاز ٻڌايو تہ اها پاڪ ٽاور طارق روڊ ۽ آشيانہ تي شاپنگ ڪندي آهي. شگفتہ اعجاز ٻڌايو تہ مونيا ۽ اينجل پرفيوم پسند ڪندي آهيان. شگفتہ اعجاز ٻڌايو تہ ٻار ان جي اکين جو تار آهن. شگفتہ اعجاز کي سريلنڪا ۽ اسڪاٽ لينڊ جو دورو ڪيو آهي. هن چيو تہ مون کي سعودي عرب ۾ رهندڙ دوست سونيا ياد ايندي آهي. جيڪا شادي کان پوءِ آمريڪا هلي وئي آهي.

هن ٻڌايو تہ اسڪول جي زماني ۾ اها چوڪرين تي ڏاڍي هوٽنگ ڪندي هئي. (23 آگسٽ 2009ع روزانو جنگ ڪراچي تان ورتل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سيما پنھور

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي صداڪاره سيما پنھور 1956ع تي عبدالغفور پنھور جي گھر ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد مان پرائمري ۽ ميٽرڪ حمايت الاسلام گرلز هاءِ اسڪول تلڪ چاڙهي حيدرآباد مان، انٽر زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪئي. هن 08 سالن جي ڄمار ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ٻارڙن جي پروگرام ۾ شرڪت سان آغاز ڪيو. هن کي ننڍپڻ کان ريڊيو ٻڌڻ جو شوق هوندو هو. انهن جي گھر ۾ والن وارو بجليءَ جو ريڊيو هوندو هو. ان کي پويان ڏسندي هئي ته ان جي پويان ڪير ڳالهائي ٿو ۽ ڪير ڳائي ٿو. هن جي والد ٻڌايو ته هڪ جدا ڪمرو آهي. جتان آواز نشر ٿيندو آهي. ان کي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد چوندا آهن. ان وقت ۾ چار آنا اٺ آنا ياڙو ڪري ٽانگي تي چڙهي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد 1962ع ۾ پهتي. ان وقت جي اسٽيشن ڊائريڪٽر ايم بي انصاري هن جو آڊيشن ورتو ۽ هن کي ڊرامي جي لاءِ آرٽسٽ طور چونڊيو ويو. جنهن بعد هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، ڪراچي تي مختلف ناٽڪ ڪيا. قمر شهباز، امر جليل جي ناٽڪن کان علاوه تمو جي ۾ ڪم ڪيو. هن جي شادي خانه آبادي 1988ع ڌاري ٿي. جنهن مان هڪ ڌيءَ آهي. ٽي وي جي ناٽڪن مائي پائيان، مائي منائي ۾ ڪم ڪيو. هن وقت ڪراچي ۾ رهائش اختيار ڪني اٿن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رجب علي

گلوڪار رجب علي 1952ع ڌاري ٽنڊو آدم ضلعي سانگهڙ ۾ استاد غلام رسول خان جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس وڏو ڀاءُ استاد حميد عليٰ خان ٻيو نمبر ڀاءُ استاد فتح علي خان، ننڍو ڀاءُ استاد وحيد علي خان، ان کان پوءِ پروفيسر اسد علي شيخ جيڪو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي شعبي جو سربراهه آهي. جڏهن ته ڇهون نمبر ڀاءُ پيارو خان سب ڊويزنل مئجسٽريٽ ٽنڊو آدم ۽ ميرپورخاص رهي چڪا آهن. جيڪو هڪ روڊ حادثي ۾ وفات ڪري ويو. پيپروفيسر سينڌو خان شيخ هن وقت ڊپٽي ايڊيوڪيشن آفيسر سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري ايڊيوڪيشن حيدرآباد آهن، جيڪو هن کان اڳ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد ريجن حيدرآباد رهي چڪا آهن.

استاد رجب علي ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري قاضي عبدالقيوم اسڪول ميمڻ محلا حيدرآباد آڏو واقع آهي ۾ تعليم حاصل ڪئي. جيڪو گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج پرئڪٽسنگ اسڪول حيدرآباد سان لاڳاپيل آهي. جڏهن ته ميٽرڪ امتحان 1970ع ڌاري نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان انٽر سائنس مسلم ڪاليج حيدرآباد مان 1972ع ڌاري پاس ڪيائون. استاد وحيد علي گلوڪاري جي ابتدا ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان بحيثيت چائلڊ اسٽار جي پنجن سالن جي عمر ۾ پروگرام ٻارن جي ٻاري ۾ ڀهرو ورتي ڪئي. ان وقت غلام مصطفيٰ قريشي ريڊيو جو پروڊيوسر هو. اهو سال 1963ع جو عرصو آهي. سرور بلوچ حيدرآباد ۾ رهائش



www.sindhsalamat.com . books.sindhsalamat.com

دوران لياقت ڪالوني جا ٻار رجب علي جي انتظار ۾ صبح جو پنهنجي گهرن مان نڪري بيٺا هوندا هئا. چاڪاڻ ته اهو پنهنجي گهر مان نڪرڻ شرط پاڙي جي هڪ ٻار کي چار چار آنا خرچي تري تي رکندو هو. اڄ به لياقت ڪالوني جا ٻار توڙي وڏا ان گهٽيءَ کي رجب علي جي گهٽي جي نالي سان سڏيندا آهن. جنهن ۾ رجب عليءَ جو گهر موجود هو.

رجب علي موجب ريڊيو پاڪستان حيدرآباد نئين ڪان جواني تائين هڪ تربيت گاهه هئي، جتي هن کي مختلف موسيقارن سان ميوزڪ جي سلسلي ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. هن کي اهو فخر حاصل آهي ته ريڊيو پاڪستان تي ڪم ڪندڙ هر موسيقار، استاد محمد ابراهيم، استاد محمد جمن، استاد نظر حسين، استاد نياز حسين، موسيقار غلام نبي عبداللطيف سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. هر موسيقار پنهنجي خيال جا مالڪ هوندا هئا. انهن سان ڪم ڪرڻ جي لاءِ انهن جي مزاج کي سمجهڻ ان وقت ۾ تمام ضروري هو. جيڪو ان تمام ننڍي عمر ۾ اهو سڀ ڪجهه سمجهي ورتو. گلوڪار رجب علي پنهنجي يادگيرين بابت ٻڌائيندي چيو ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا اسٽيشن ڊائريڪٽر، ميوزڪ جا ماهر هئا. انهن کي ميوزڪ بابت وڏي ڄاڻ هوندي هئي. انهن ۾ محمد بخش انصاري، پير سرهندي، الهه بخش شاهه بخاري، امداد خواجه پنهنجي دور جو بهترين اسٽيشن ڊائريڪٽر هئا.

گلوڪار رجب علي ٻڌايو ته سندس مشهور ٿيڻ ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو اهم ڪردار آهي. چاڪاڻ ته ريڊيو تي گيت ريڪارڊ ٿيڻ بعد اهو فورن نشر ٿي ويندو هو، جنهن بعد ٻڌندڙن طرفان پنهنجي فوري پسند جو اظهار ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته فلم جو گانو ريڪارڊ ٿيڻ بعد ريڪارڊنگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمپني ٻن ٽن مهينن بعد ريڪارڊ مارڪيٽ ۾ آڻيندي هئي، جنهن بعد ان ڳاني جي مقبوليت جو اندازو لڳائي سگهبو هو.

شيخ اياز جو گيت: سنڌڙي تي سر ڪير نه ڏيندو سهندو ڪير معيار او يار، پهريون ڀيرو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ريڪارڊ ڪرايو، ان گيت جي ميوزڪ عنايت الله عباسي جيڪو ميوزڪ لورس ڪلب حيدرآباد جو عهديدار هو، ترتيب ڏني، جيڪا بسنت هال ۾ محمد ابراهيم جويو جي سربراهيءَ ۾ قائم ڪيل، ڪميٽي جي سربراهي ۾ پڙهيو ڳايو ويو. استاد رجب علي واحد فنڪار آهي جنهن سنڌ جي سمورن جديد شاعرن جا گيت ريڪارڊ ڪرايا آهن. امداد حسينيءَ جو ڪلام ڪاش مان چنڊ هجان، تنهنجي اڱڻ تي ايران، ڏاڍو مشهور ٿيو.

رجب علي 1972ع ڌاري لاهور منتقل ٿي ويو، جتي هن ملڪ جي مشهور موسيقارن سان گڏ پنهنجي فلمي گيت ريڪارڊ ڪرايا. جڏهن ته اتفاق اهو ٿيو جڏهن پيار پري دو شرميلي نين، فلم چاهت جو گيت جڏهن روبن گوش ريڪارڊ ڪرائڻ چاهيو ته رجب علي وٽ تاريخون نه هيون پوءِ اهو ٻئي گلوڪار اخلاق احمد اهو گيت ڳايو. رجب علي لاهور جي ريلوي اسٽيشن لڳ ڳڙهي شاهو ۾ گهر مسواڙ تي ورتو، جنهن ۾ ريڊيو پاڪستان جو انور بلوچ، مشهور ٽي وي ڊائريڪٽر عابد علي، اداڪار شاهنواز گهمن ۽ لاهور ۾ پنهنجي قسمت آزمائڻ جي لاءِ ايندڙ نوان فنڪار جن جو گهڻي ڀاڱي تعلق حيدرآباد ۽ سنڌ سان هوندو هو اهي رجب علي جا مهمان هوندا هئا. تجهه سا مجهه ڪو چاهني والا، اس دنيا مين ڪوئي اور هو الله نه ڪري، فلم يادين ۾ زيبا ۽ محمد علي تي فلمبند ڪيو ويو. اهو دور بليڪ اينڊ وهائيٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلمن جو دور هو. ڏاڍو مقبول هو، ريڊيو پاڪستان تان هر وقت نشر ٿيندو هو.

رجب علي جي ڳائڻ ۾ هڪ خاص ڳالهہ هوندي هئي تہ هو ڳائڻ دوران هيٺ ۽ مٿي هڪجھڙو ڳائي سگھندو آهي، هو هيٺ جي پيچ تي لئي قائم رکندو ۽ مٿي واري راڳ دوران مٿين پئچ تي مٿي لئي رکي ڳائيندو آهي.

استاد رجب علي پنهنجي ڳائڻ واري دور دوران جڏهن ان وقت ۾ شهنشاهہ غزل مهدي حسن، مسعود رانا، احمد رشدي، سليم رضا جيڪي پنهنجي دور جا وڏا فنڪار هئا، انهن وچ ۾ ڳائي انهن جي وچ ۾ پنهنجي نالو پيدا ڪرڻ ، پنهنجو مقام پيدا ڪرڻ تمام ڏکيو هو ۽ تمام گھٽي ڏکي ڳالهہ هئي. سيني انهن همعصرن ۾ پنهنجو مقام رکڻ وڏي ڳالهہ هئي.

استاد رجب علي خان فيميل فنڪارن ۾ ميڊم نورجهان، مالا، نسيم بيگم، رونا ليليٰ سان ڳائي ڏيکاريو.

استاد رجب علي نهايت مهمان نواز هو، سنڌي ماڻهن جي عادت موجب مهمان نوازي کي قائم رکندي هن وٽ رهندڙ مهمان سندس خرچ تي رهندا هئا. کاڌي پيتي جو خرچ، رهڻ جي سهوليت هن مٿان هوندو هو.

لاهور ۾ رهائش دوران هڪ ڀيري رجب علي پاڻ سان گڏ ڪم ڪندڙ سنگت ڪندڙ طبلي نواز کي سنگت ڪرڻ دوران ميوزيشن کي ڏاڍو پريشان ڏٺو، رجب علي جي پڇڻ تي طبلي نواز چيو تہ منهنجي ڌيءُ جي شادي ٿيڻ واري آهي، مون وٽ پئسو بلڪل ناهي ۽ روئي ڏنائين ۽ چيائين تہ مان ان ڪري پريشان آهيان، ان تي رجب علي چيو تہ تون پريشان نہ ٿي، تنهنجي ڌيءُ جهڙوڪ منهنجي ڌيءُ آهي، فڪر نہ ڪر،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريشان نہ ٿي سياٽي هڪ شادي جي تقريب آهي، انشاءالله تعاليٰ ان پروگرام کان پوءِ تنهنجو ڪم ٿي ويندو.

ٻي رات شادي جي اها تقريب ٿي، خدا جي ڪرٽي اهڙي ٿي، جو انِ زماني ۾ هڪ لک کان مٿي رجب علي تي گهور ٿي، رجب علي سمورا پئسا چڙهي اسٽيج تان لهي ويو، رجب علي پئسن سوڌو اسٽيج چڙهي ڏنو ۽ ان طبلي نواز سان وعدو پورو ڪندي چيائين تہ اها سموري رقم تون کڻي وڃ، پنهنجي ڌيءُ جي شادي جو انتظام ڪر. گلوڪار رجب علي پاڪستان سطح تي قائم تنظيم فلم پلي بيڪ سنگر ايسوسيئيشن جو مرڪزي خزانچي پڻ رهي چڪو آهي. ميڊم مالا جڏهن بيمار ٿي پئي تہ هن ان جو علاج ڪرايو، جيڪا تمام ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ هئي، تمام ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ وفات ڪري وئي جو ان جي تدفين وقت سڀ هٽ ڪري ويا: لاهور ۾ رهندڙ مڙس اداڪار نصرالله بٽ جنهن جي مالا سان شادي ٿيل هئي، سندس پئسا کائي ويو. اداڪار نصرالله بٽ فلم سخي لٽيرا، فلم درا، آخري چٽان ۾ فلم ۾ هيرو اچي چڪو هو، گلوڪار رجب علي گلوڪاره مالا جي ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو.

ان کان سواءِ ميت ري او ميري متوا مشهور گيت فيم گلوڪار اخلاق احمد جو علاج ڪرائڻ ۾ پيش پيش هو، هن کي بلڊ ڪينسر نمونيا جي بيماري ٿي پئي هئي.

ڪجهہ عرصي بعد استاد رجب علي لنڊن منتقل ٿي ويو، جتي دنيا جي سيني ملڪن جي صدرن ۽ وزيراعظمن کي برطانيہ جي شهزادي چارلس جي دعوت ڏني، جنهن ۾ دنيا جي سيني ملڪن جي فنڪارن کي گهرايو ويو، استاد رجب علي ان تقريب ۾ اردو ۾ گيت ڳايو ۽ کيس تمام گهڻو پسند ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو. ڪيس برطانيہ جي شهريت ڏني وئي. هن الحمدالله پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو آهي. هڪ ڊپارٽمينٽل اسٽور پڻ آهي، جيڪو پڻ هلائي رهيو آهي. پاڪستان ڪان علاوه دنيا جي ٻين فنڪارن کيٰ لنڊن ۾ گهرائي ڪنسرٽ ڪرائيندو آهي.

پاڪستاني فلمن ۾ ڪم ڪندڙ پروين بوبي، رجب علي ۽ ٻين فنڪارن سان لنڊن هڪ طوائفي سان گڏ لنڊن وئي پر پرمارمينس ڪرڻ ڪان اڳ هن جي ٽنگ ڀڄي پئي، پرديس ۾ ٽنگ ڀڄڻ ۽ لنڊن جهڙي مهانگي شهر ۾ ميڊيڪل، علاج بہ ڪرائڻ نهايت مهانگو آهي. ان حالت ۾ رجب علي پنهنجي هڙان وڙان رقم جو انتظام ڪري پروين بوبي جو مڪمل علاج اتان جي مشهور اسپتال ڪرائم ويل اسپتال ۾ پروين بوبي کي داخل ڪرايو. پروين بوبي جي ٽنگ جو آپريشن ٿيو ۽ اها مڪمل صحتياب ٿي، ان ڪان پوءِ سندس دوا درمل تي سمورو خرچ ڪيائين. پوءِ جڏهن اها پرمارمينس جي قابل ٿي ۽ هن ٻين فنڪارن سان گڏ لنڊن ۾ پرمارمينس ڪئي اسد امانت علي جڏهن لنڊن ۾ علاج جي لاءِ ويو ۽ اهو اتي علاج دوران اسپتال ۾ گذاري ويو، سندس وارثن جو اسرار هو تہ اسد امانت علي جو لاش وطن روانو ڪيو وڃي، پر پرڏيهہ ۾ موجود لاش کي واپس وطن آڻڻ ۾ وڏيون پيچيدگيون هونديون آهن. رجب علي پنهنجا سمورا وسيلا استعمال ڪندي اهو لاش هوائي جهاز ذريعي پاڪستان روانو ڪيو. اسد امانت علي جي بيواهہ ۽ سندس ڌيءَ سوڊو ڪين واپس موڪلڻ جو انتظام ڪيو.

(هن مضمون جيٰ تياريءَ جي سلسلي ۾ جناب سيندي خان. شيخ، ڊپٽي سيڪريٽري ترقيات کاتو، حڪومت سنڌ ڪراچي جو ٿورائتو آهيان. (مرتب)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ فنڪاره

# امينا شاهه

آپا امينا شاهه 15 ڊسمبر 1948ع تي سيد علي بخش شاهه بخاري جي گهر حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم سيد باز محمد شاهه گرلز پرائمري اسڪول گاڏي کاتي حيدرآباد مان حاصل ڪئي. جڏهن ته وڌيڪ تعليم ڇهين ڪلاس کان انين ڪلاس تائين گورنمينٽ گرلز ايليمينٽري ڪاليج فار رومين جي اٽيچ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪئي. جڏهن ته ميٽرڪ گورنمينٽ گرلز پائليٽ سيڪنڊري اسڪول هيرآباد حيدرآباد مان جڏهن ته انٽرميڊئيٽ زبيده گرلز ڪاليج حيدرآباد مان، گورنمينٽ زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد مان بي اي ڪئي. بحيثيت ٽيچر جي سرڪاري ملازمت اختيار ڪرڻ بعد گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول حالي روڊ حيدرآباد تان رٽائرمينٽ حاصل ڪرڻ کان پوءِ هن وقت ممتاز ڪالوني حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي اٿائون. کيس الله تعاليٰ ٻه پٽ هڪ نياڻي ڏني آهي.

آپا امينا شاهه مئي 1969ع تي سنڌي لوڪ گيت ڳائي پنهنجي فنڪارانه زندگيءَ جو آغاز ڪيو اٿائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيجي زرينہ بلوچ مرحومہ

جيجي زرينا بلوچ 1936ع تي حيدرآباد ۾ هڪ مذهبي گهراڻي ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي. ميٽرڪ پائليٽ سيڪنڊري اسڪول هيرآباد حيدرآباد مان پاس ڪرڻ بعد بحيثيت ميوزڪ ٽيچر گورنمينٽ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ مقرر ٿي. جنهن بعد ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿي. ان دوارن جيجي زرينا بلوچ جي شادي خانہ آبادي برک وڪيل رسول بخش پليجو سان ٿي. جنهن مان هڪ فرزند اياز لطيف پليجو آهي.

زرينا بلوچ سنڌ اندر لوڪ گيت ۽ قومي گيت ڳايا. جنهن شيخ اياز کي هن بهتر طريقي سان ڳايو. هن جا ڪلام ٽر بر ۾ ٻڌجڻ لڳا ۽ ريڊيو پاڪستان تي هن ڪيترائي پروگرام ڪيا. ان کان علاوه ٽي وي تي دنگيءَ منجهہ درياءَ، علي بابا جو ناٽڪ ڪيو. جنهن تي هن کي ايوارڊ ڏنو ويو.

جيجي سان پنهنجي فون تي تيل ڳالهہ ٻولهہ ٿي. اها عظيم شخصيت 2005ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي. پويان رسول بخش پليجو مڙس، پٽ اسلم پليجو ۽ اياز لطيف پليجو سوڳوار ڇڏيا اٿس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عابده پروين

عابده پروين 20 فيبروري 1958ع تي غلام حيدر جي گهر علي گوهرآباد پاڙي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. عابده پروين جي والده مائي ممتاز بيگم پڻ هڪ سٺي فنڪاره هئي. جنهن عابده پروين جي سکيا ڪئي. ڪجهه وقت سائين نور شاهه جي سرپرستيءَ ۾ عابده پروين مٽياري منتقل ٿي، جتي ڪيس درويشي جو رنگ چڙهي ويو. هن کي پهريون پيرو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد آندو ويو. جتي هن مفتون همايوني جو ڪلام ڳايو. تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا، مان نه هزارين رڳو. ان کان علاوه من گهڙي مشتاق سان جيئري جدايون تون نه ڪر، اهي گهڙا تون ميري يار جي چيلهه رنجائي، تيري عشق نچايا ڪر ڪي ٿيا ٿيا، جيتي آئين وي طبيبا ني تو مين مرجائيان، هن جنم هن جنم ۾ جتي به هجان، سنڌ تنهنجو هجان.

عابده پروين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ قومي ڪلام پڻ ڳايا. عابده پروين سنڌي ڪلام ڳائي دنيا ۾ سنڌ جو نالو روشن ڪيو آهي. عابده پروين کي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عرس جي موقعي تي لطيف ايوارڊ ڏنو ويو. حضرت لعل شهباز قلندر جي عرس جي موقعي تي کيس شهباز ايوارڊ ڏنو ويو. سنڌي آئي لال جي ڳائيا پاڻ کي امر ڪري ڇڏيو اٿس.

عابده پروين استاد محمد جمن ۽ استاد سلامت علي خان کي پنهنجو استاد تسليم ڪيو. جڏهن ته هن استاد محمد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابراهيم ۽ استاد وحيد علي خان کان پڻ سکيو ۽ استاد منظور علي خان کان بي حد متاثر آهي.

غلام حسين شيخ ريڊيو جي سينئر پروڊيوسر سان شادي ٿيڻ سبب عابده پروين 1979ع ۾ پي ٽي وي ڪراچي سينٽر جي پروگرام سنڌ سينگار ۾ پهريون ڀيرو ۽ سر سنگم ۾ فن جو مظاهرو ڪيو. سندس گيت گهر ۾ ڪڙسانيان دا. اردو غزل جب سي تو ني مجهي ديوانہ بنا رکها هي.

1981ع کان عابده پروين حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جا ڪلام مسلسل ڳائي رهي آهي ۽ رڪارڊ قائم ڪيو اٿس. ازي لوگو تمهارا کيا مين جانو ميرا خدا جاني.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداڪار مشتاق چنگيزي

اداڪار مشتاق چنگيزي محمد يعقوب ملاڻي جي گهر حيدرآباد ۾ جنم ورتو. سندن رهائش گاهه راحت سئنيما جي آڏو نور منزل حيدرآباد ۾ هوندي هئي. ابتدائي تعليم ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد مان حاصل ڪيائون. بعد ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول سوسائٽي نمبر ون موجوده نول راءِ هيرانند اسڪول گول بلڊنگ حيدرآباد مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائون. انٽر ۽ بي اي جو امتحان مسلم ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪرڻ کان پوءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ اسٽاف آرٽسٽ طور مقرر ٿيا. ان وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد هوم اسٽيڊ هال حيدرآباد وٽان نشريات نشر ڪندو هو.

مشتاق چنگيزي صاحب مختلف ناٽڪن پروگرامن ۾ حصو ورتو. ساڳئي وقت ڪيس سنڌ زرعي ڪاليج ٽنڊو ڄام ۾ 1965ع ۾ سرڪاري فوٽوگرافر جي حيثيت ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ پاڻ ٽنڊو ڄام ۾ فوٽو اسٽوڊيو قائم ڪيائون. 1967ع ۾ شيخ حسن جڏهن فلم شهروفيروز ٺاهي ته ڪيس هيرو چونڊيو ويو. جنهن فلم وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ اها فلم ڪامياب ٿي ته اهو سنڌي فلمن جو ٻيو دور هو. پر هن کي شيخ حسن فلم جي لاءِ هيرو موزون قرار ڏيندي ڪيس فلم شهر فيروز ۾ کنيو. هن فلم ۾ هيروئن ماه پاره کي کنيو ويو. جڏهن ته هن فلم احمد علي. ان کان پوءِ چانڊوڪي، منٺا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شال ملن، محبوب منا ۾ ڪم ڪيو. فلم رات جي راند دوران سندس شادي خانہ آبادي اداڪاره چڪوري سان ٿي ۽ لاهور روانا ٿي ويا پنهنجي ذاتي فلم ٿاهيون اچ تہ ياڪر پايون 1973ع ۾ پروڊيوس ڪيائين. جتي ڪجهہ وقت ڪان پوءِ زال مڙس ۾ بدمزگي پيدا ٿي ۽ اداڪاره چڪوري اداڪار ڪيفي سان شادي خانہ آبادي ڪئي.

مشتاق چنگيزي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪانٽريڪٽ تي ملازم رهي چڪا آهن ۽ ريڊيو تان فتح خان جي ڪچهري پيش ڪندا رهيا آهن. لنڊن برطانيہ، يارت جا فني دورا ڪرڻ سان گڏوگڏ عمري جي سعادت بہ ماڻي چڪا آهن.

مشتاق چنگيزي جي شادي خانہ آبادي 1974ع ڌاري ٿي.

مشتاق چنگيزي صاحب جا ٽي فرزند آهن. ڪمال چنگيزي، احتشام چنگيزي ۽ عامر چنگيزي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهتاب اڪبر راشدي

مهتاب اڪبر راشدي 14 آگسٽ 1947ع تي محمد عيسيٰ چنا جي گهر نئون ديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم نئون ديرو مان ۽ ميٽرڪ پائليٽ سيڪنڊري اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين. انٽر زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد مان ڪرڻ ڪان پوءِ 1967ع ڊاري سنڌ يونيورسٽي مان بي اي 1969ع ۾ ايم اي پوليٽڪل سائنس ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري سنڌ يونيورسٽي ۾ ليڪچرار مقرر ٿي. اتي اسسٽنٽ پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ انٽرنيشنل رليشنس شعبي جي چيئرپرسن رهڻ ڪان علاوه 20 آگسٽ 1983ع ڪان سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ۽ ڊائريڪٽر جنرل لياقت ميموريل لائبريري ڪراچي، ڊائريڪٽر جنرل يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن 1980ع ڪان ڊسمبر 1985ع تائين. 1989ع ۾ سيڪريٽري ثقافت کاتو، سنڌ حڪومت، سيڪريٽري تعليم کاتو، حڪومت سنڌ، سيڪريٽري سماجي بهبود کاتو، حڪومت سنڌ ۽ سيڪريٽري ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، سيڪريٽري سُڌ سماء حڪومت سنڌ، سڪريٽري صوبائي. رابطہ رهڻ بعد رٽائرمينٽ حاصل ڪئي اٿس. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ڪمپيئرنگ ڪرڻ بعد 1974ع ۾ پي ٽي وي تي روشن تارا ۽ بيا پروگرام ڪيائين. 1980ع تائين مختلف مشهور پروگرام ڪيائين. بدر چنا جي نالي سان ڪهاڻيون ۽ افسانہ لکيا اٿس. 26 فيبروري 1981ع تي سندس شادي خانہ آبادي سيد اڪبر شاھ راشدي سان ٿي. هن وقت صوبائي اسيمبلي جي ميمبر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محمد يوسف مرحوم

محمد يوسف 14 فيبروري 1940ع تي لونگ فقير مگڻهار جي گهر الهداد چنڊ جي ڳوٺ حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪئي. پنهنجي والد لونگ فقير ۽ پنهنجي چاچي زوار بسنت فقير کان ڪلاسيڪل راڳ سکيو. چار سال استاد اميد علي خان وٽ سکيو.

هن 1955ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو ۾ هڪ تقريب ۾ پهريون پيرو فن جو مظاهرو ڪيو. استاد بيبي خان جي شاگردي ۾ مهدي شاهه جي ڪافي ڳائي پاڻ مڃرايو. ڀٽائي جي ميلي ۾ هن ڳايو. هن 15 سالن جي ڄمار ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ آواز جو جادو جڳايو. کيس 31 مارچ 1980ع تي گورنر سنڌ ايس ايم عباسي شاهه لطيف ايوارڊ ڏنو. 1982ع ۾ سچل سرمست ايوارڊ ڏنو ويو.

کيس صدارتي ايوارڊ تمغئہ حسن ڪارڪردگي پڻ ڏنو ويو. محمد يوسف هڪ فلمي گانو رنگ محل جي لاءِ ڳايو آهي. پيار جي منزل اهو ڪلام مهدي حسن جيَ ٽڪر جو ڪلام ڳايو اٿس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سيد صالح محمد شاهہ

سيد صالح محمد شاهہ 4 اپريل 1938ع تي سيد دادن شاهہ جي گهر ڳوٺ درياهہ بيگ مغل تعلقي ضلعي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن اديب عالم جو امتحان پاس ڪرڻ کان علاوه سنڌي فائنل امتحان پاس ڪري انگريزي جي پڻ ڄاڻ حاصل ڪئي.

شاهہ صاحب حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي شاهہ ڪريم بلڙي جي ڪلام کان علاوه علم ادب تاريخ جي ڄاڻ رکندو هو. سنڌ ۾ رهندڙ هر قوم بابت وڌيڪ ڄاڻ هئي. هن 4 اپريل 1955 کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ـ هوم اسٽيڊ هال پراڻي بلڊنگ مان اناؤنسمينٽ، ناٽڪ، فيچر ڪرڻ کان علاوه تقريرون پڻ پڙهندا هئا. 1965ع ۾ بهترين پروگرام ڪيائين.

جمهور جو آواز ۾ فتح خان جو ڪردار 40 سال مسلسل ريڊيو تان ڪيائين. جيڪو 3 آڪٽوبر 1959ع کان ڳوٺاڻي ڪچهريءَ جي نالي سان نشر ٿيو. 20 جولائي 1960ع تي جمهور جو آواز جي نالي سان نشر ڪيو ويو. سون ورني ڌرتي پروگرام ۾ پوڙهي جهور شخص فتح خان جي ڪردار ۾ عوام ۾ مقبوليت حاصل ڪيائين. ڪچهريءَ وارا ڪيس ڏاڍا سائينءَ پڻ چوندا هئا. اهو ـ پروگرام هڪ ئي وقت ڪراچي، حيدرآباد ۽ خيرپور ريڊيو اسٽيشن تان نشر ٿيندو هو.

پاڻ پي ٽي وي ڪراچي سينٽر تان اوطاق پروگرام رتي رهاڻ ۾ شرڪت ڪئي ۽ سنڌي فلمن ۾ پڻ ڪردار ادا ڪيائين. ڪيس صدارتي ايوارڊ تمغئہ حسن ڪارڪردگي ٽي وي طرفان گولڊ ميڊل ۽ سگا طرفان گولڊ ميڊل ۽ شاهہ لطيف ڪلچرل سوسائٽي طرفان گولڊ ميڊل پڻ ڏنو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيوٽي بائي

هڪ منڙو آواز 22 جنوري 1901ع ۾ ڦڪو گرگلو هندستان راجپوتانا علائقي جي ”پيلراڙ“ رياست ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ جڏهن ملتان لڏي آيو تہ سندس ملاقات مشهور گويي استاد امير خان سان ٿي. جيڪو جيوٽي جو آواز ٻڌي ڪيس راڳ جي تعليم ڏيڻ لڳو ۽ رئو پارائي جيوٽيءَ کي ڌي بنايائين. استاد امير خان انهن کي ايڏو تہ قرب ڏنو جو هي پورو خاندان حضرت شمس تبريز جي هٿان مسلمان ٿيو ۽ پوءِ ميلن، ملاکڙن ۽ محفلن ۾ جيوٽيءَ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي، فن جون بلنديون طئي ڪندي ملتان کان ڪراچيءَ تائين سفر ڪيائين ۽ پنهنجي آواز جو جادو جڳائيندي رهي.

بلڙي شاهہ ڪريم واري ميلي ۾ جيوٽي استاد خيرمحمد خان سان ملاقات ڪري سندس شاگردي قبول ڪئي ۽ حيدرآباد ۾ رهي ڪافي ڳائڻ جي سکيا ورتي. پوءِ تہ بس هي ڪاري ڪوئل پنهنجي آواز سان من موهڻ لڳي. پيري شاهہ قادريءَ جو ميلو ٿيو تہ ماسٽر چندر ڪيس ٻڌو ۽ سندس آواز ريڪارڊ ڪرائڻ جي ذميواري ڪنئي، هن اها ذميواري پوري ڪئي ۽ پوءِ سندس سريلي آواز واڄٽ وڄائي ڇڏيا. سنڌ کان هند تائين سندس واهہ واهہ ٿي وئي. جيوٽي بائي پاڻ بہ شاعره هئي ۽ سندس ڪيئي ڪلام سندس ئي آواز ۾ رڪارڊ ٿيا. جيوٽي ڏاڍي سريلي فنڪارا هئي. جتي بہ ڳائيندي هئي اتي ماڻهن جا ميڙ جمع ٿي ويندا هئا. جيوٽي موسيقيءَ جي دنيا ۾ تمام وڏي مڃتا ماڻي. هن پنهنجي وقت ۾ ايترو تہ نالو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدا ڪيو جو آل انڊيا ميوزڪ ڪانفرنس ۾ جيڪا هر سال هندوستان ۾ ٿيندي هئي. جيوٽي پورن تيرنهن سالن تائين سنڌ جو مان مٿانهون ڪندي سنڌ جي نمائندگي ڪئي. جيوٽي حيدرآباد جي هڪ عالم کان قرآن شريف ۽ ديني تعليم حاصل ڪئي. هو صوم ۽ صلوات جي پابند هئي. سندس 100 کان مٿي ڪلام رڪارڊ آهن ۽ اڃا تائين ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندا رهندا آهن. اهڙا عظيم فنڪار سنڌ جي ملڪيت آهن. جيوٽي بائي 1942ع ۾ هن فاني جهان ۾ اسان کي ڇڏي هميشہ لاءِ وڇڙي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سيد منظور حسين شاهہ ڪمتر نقوي

سيد لطف علي شاهہ منظور ڪمتر نقوي 18 مئي 1924ع تي ٽنڊو جهانيان حيدرآباد چانوٽي ۾ ...................... جي گهر ۾ جنم ورتو. ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ بعد فارسي ۽ طبي تعليم حاصل ڪيائين. وڏيڪ جي لاءِ دهلي مان ڪامل الاطبا جي سند حاصل ڪيائين. ڪيس علم طب کان علاوه مصوري، شڪار، شاعري، موسيقي، علم جعفر ۽ رمل تي مهارت حاصل ڪيائين.

ٻارنهن سالن جي ڄمار ۾ سنڌي، سرائيڪي اردو ۾ منظور ۽ هندي ۾ منجو ۽ فارسي ۾ سبق تخلص جي نالي سان شاعري شروع ڪيائين.

منهنجي ساڻس ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ملاقات ٿي. سيد منظور حسين نقوي ڪيترائي ريڊيو جي لاءِ ناٽڪ، فيچر، فتح خان جي ڪچهري ۽ ٻيا پروگرام تحرير ڪيائين. سندس گيت ريڊيو حيدرآباد تان نشر ٿيندا آهن ۽ هن فلم گهونگهٽ لاهہ ڪنوار جا گيت پڻ تحرير ڪيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سرور بلوچ

سرور چانڊيو بلوچ 23 مارچ 1929ع تي دڙي محلي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. هن ميونسپل هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو جڏهن ته بي اي سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان ڪرڻ بعد پرائمري اسڪول ٽيچر دڙي محلي لاڙڪاڻي ۾ مقرر ڪيا ويا. هن شام جو رائيل ٽاڪيز لاڙڪاڻي ۾ بحيثيت بڪنگ ڪلارڪ جي نوڪري ڪئي. ڪرم باغ لاڙڪاڻي ۾ مقامي براڊڪاسٽنگ اسٽيشن تان نشرياتي پروگرام شروع ڪيا. 1943ع کان 1945ع تائين بحيثيت اناؤنسر طور ڪم ڪيائون. 1958ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جيڪو ان وقت هوم اسٽيڊ هال پڪي قلعي حيدرآباد ۾ پراڻي عمارت ۾ نشريات جو آغاز ڪري چڪو هو، جنهن ۾ بحيثيت اناؤنسر ۽ اسٽاف آرٽسٽ جي نوڪري جو آغاز ڪيو. هن جمهور جو آواز ۾ ڪمال خان جو ڪردار ادا ڪيو. ٻارن جي ٻاري ۾ ادا جو ڪردار جڏهن ته اديءَ سڪينا ادي جو ڪردار ادا ڪندي هئي. هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان لوڪ گيتن جو پروگرام اوهان جو خط پهتو کان علاوه سيرت النبيﷺ مان اقتباس، پروگرام پيش ڪيا. بحيثيت پروڊيوسر گيتن ڀري ڪهاڻي، يونيورسٽي مئگزين، ڪڙو منجهه ڪڙي لوچين سي لهن، چارڻ چوريو چنگ کان علاوه 1986ع ۾ سينئر پروڊيوسر مقرر ٿيڻ بعد 23 مارچ 1989ع ۾ رٽائرمينٽ حاصل ڪيائون. بعد ۾ مٿن فالج جو حملو ٿيو ۽ 02 جنوري 1990ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. پويان پٽ محمد يعقوب چانڊيو اسسٽنٽ پروفيسر ۽ سنڌ پروفيسرس اينڊ ليڪچرار ايسوسيئيشن جو اڳواڻ آهي. هڪ ٻيو فرزند روزانو مهراڻ ۾ بحيثيت ڪمپيوٽر آپريٽر طور ڪم ڪري رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عنايت بلوچ

سابق اسٽيشن ڊائريڪٽر، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد
سابق ميمبر سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن حيدرآباد

محترم عنايت الله بلوچ 03 آڪٽوبر 1941ع تي احمدپور ضلعي خيرپور ميرس ۾ غلام نبي بلوچ جي گهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول احمدپور ۽ مڊل جو امتحان به اتان مڊل اسڪول مان پاس ڪرڻ بعد 1959ع ۾ ناز پائليٽ هاءِ اسڪول خيرپور ميرس مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. 1962ع ڊگري ممتاز ڪاليج خيرپور مان انٽر، بي اي 1964ع ڊگري سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان، 1966ع ڊگري مسلم هسٽري ۾ ايم اي سنڌ يونيورسٽي مان ڪيائين.

سي کان اڳ ڪسٽم کاتي ۾ سي ڪسٽمز ايگزامنر ڪراچي ۾ مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ 1970ع تي فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان ڏيڻ بعد اسسٽنٽ ريجنل ڊائريڪٽر ڪراچي ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو اسٽيشن ڊائريڪٽر 1984ع کان مقرر ٿيو. مئي 1995ع تائين مسلسل ڏهه عرصو 10 سال رهيو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي نئين عمارت جي مرمت اسٽوڊيو ۽ ڪمرن جي واڌ سندس دور ۾ ڪرائي وئي. ڪل پاڪستان سنڌي اردو مشاعرو ڪيو ويو. ان موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صدارت ڪئي. اهو مشاعرو 1989ع ۾ ريڊيو تان براهه راست ساڍا پنج ڪلاڪ نشر ڪيو ويو.

عنايت بلوچ صاحب مختلف عهدن تي رهڻ کان پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1996ع ۾ ڊائريڪٽر پروگرام سچي پاڪستان جي ريڊيو اسٽيشنن جو پروگرام جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. عنايت بلوچ جي شاعري ۽ نثر سوجهرو ڪراچي، نئين زندگي ۽ مهراڻ ۾ شائع ٿيا آهن. سندس شاعري جو مجموعو تند ڪنارو ڪنڌ شاعري تي ٻڌل ڪتاب پرين جي پرديس، پرديسي کهڙا پرين، سهسي ٿيا سارنگ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي خطن جو مجموعو، پيارن جو پيغام سيءَ ۾ پنهون پاڻ، مير سڪندر خان کوسي جي شاعري جو مجموعو، ڪي پڙڏاڪي سڏ، ڊاڪٽر جي الانا جي شاعري جي مجموعي جو ڪتاب ترتيب ڏنائين. محترم عنايت بلوچ کي اهو شرف حاصل آهي ته هن 1989ع ۾ ان وقت جي وزير اعظم محترمه بينظير ڀٽو سان ترڪي ۽ عراق جي سرڪاري دوري دوران ساڻن گڏ رپورٽنگ لاءِ موجود هئا.

ان کان علاوه وزير اعظم بينظير ڀٽو جي 1994ع ۾ برطانيه جي پرڏيهي دوري دوران پڻ ساڻن برطانيه ۾ سرڪاري ڪوريج لاءِ موجود هئا. سائين عنايت بلوچ وائس آف آمريڪا، بي بي سي لنڊن، ايشيا پئسفڪ انسٽيٽيوٽ آف براڊڪاسٽنگ، ڪوالالمپور، ملائشيا، دبئي، جرمني ريڊيو طرفان براڊڪاسٽنگ جي سکيا ورتي. ايمڪ ايشيا ميڊيا جي سنگاپور جي انسٽيٽيوٽ ۾ ورڪشاپ ۽ سيمينارن ۾ شرڪت 2000ع ۾ جاپان ۾ ٽريننگ ڏني، سائين 2001 ۾ رٽائرمينٽ ورتي.

2001ع ۾ ايف ايم سچل 105 حيدرآباد تنصيب ڪان پوءِ هڪ سال تائين ان کي هلائيندو رهيو. ايف ايم 99 نئين کي پڻ جاري ڪرڻ کان علاوه هڪ سال تائين پيمرا جو ڪنسلٽنٽ رهيو. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن حيدرآباد جو ميمبر پڻ رهي چڪو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سڪندر بلوچ مرحوم

## سابق اسٽيشن ڊائريڪٽر، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد

سڪندر بلوچ 15 سيپٽمبر 1940ع تي نٿو خان چانڊيو بلوچ جي گهر ۾ ٽنڊو آغا اسماعيل شاهه پاڙو حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي پاڙي جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي. جڏهن ته ميٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ڪرڻ بعد انٽر ۽ بي اي سٽي آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. جڏهن ته ايم اي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پاس ڪرڻ بعد 1960ع تي حاجي ماڪڪ پٽني مڊل اسڪول، قليلي حيدرآباد ۾ مڊل اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ٿيو. هن 1962ع ۾ انڊس ٽائمز حيدرآباد جيڪا پڪي قلعي حيدرآباد مان نڪرندي هئي، جنهن جو ايڊيٽر مسٽر قريشي هوندو هو. بحيثيت ايڊيٽر جي صحافتي زندگي جو آغاز ڪيو. هن 1966ع ۾ بحيثيت پروڊيوسر ريڊيو پاڪستان راولپنڊي بعد ۾ مختلف ريڊيو اسٽيشنن تي مقرري بعد 1973ع ۾ سينئر پروڊيوسر ۽ 1988ع ۾ پروگرام مئنيجر مقرر ٿيو.

1994ع ۾ ڪيس خضدار جي ريڊيو اسٽيشن/ جو، ڊائريڪٽر، 1995ع ۾ خيرپور جو اسٽيشن ڊائريڪٽر ۽ سال 2000ع ۾ ريڊيو پاڪستان جي اسٽيشن ڊائريڪٽر به مقرر ڪيو ويو. جتان رٽائرمينٽ ڪان پوءِ ڳوناڻنجي لاءِ پروگرام،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارن جي پروگرام ۽ فتح خان جي ڪچهري ۾ ڪردار ادا ڪندو هو. 15 فيبروري 2010ع تي صبح جو اٺين وڳي دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو.

ڪيس بهترين براڊڪاسٽر طور صدارتي ايوارڊ ڏنو ويو. هن پي ٽي وي جي پروگرام ڪچهري ۾، ۽ ريڊيو پاڪستان جي پروگرام فتح خان جي ڪچهري، بعد ۾ فتح خان جي ڪچهري جي ميزبان طور پڻ ڪم ڪيو.

ٽنڊو آغا جي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. قليلٰي ۽ ماڊل ٽائون جو درجو ڏياريو. سندس نالو گنيز بُڪ آف ورلڊ رڪارڊ ۾ شامل ڪيو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محمد حسين قادري

محترم محمد حسين قادري پهرين جنوري 1957ع تي ليليٰ آباد قادري اسٽريٽ لاڙڪاڻي ۾ برڪت علي قادري جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم ديني مدرسہ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان، ميٽرڪ 1971ع ڏاري پائليٽ سيڪنڊري اسڪول لاڙڪاڻي مان جڏهن تہ انٽر ڪامرس، ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي مان 1973ع ڏاري ۽ بي اي 78-1977ع ڏاري سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ايم اي جرنلزم 1988ع ڏاري پاس ڪيائون.

ڪين ڪراچي ۾ 1979ع ۾ سنڌي لئنگويج ٽيچر جو آرڊر مليو. قاسم آباد ڪورنگي ۾ نوڪري ڪيائون بعد ۾ هوپ فل هاءِ اسڪول حيدرآباد، نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، ايس ڪي رحيم حمايت الاسلام بوائز هاءِ اسڪول، ماڊرن هاءِ اسڪول لطيف آباد نمبر 09 حيدرآباد ۾ استاد طور مقرر رهيا. بعد ۾ ريڊيو تي ڪمپيئر 1981ع ڏاري ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۽ حيدرآباد تي اناؤنسر جي حيثيت ۾ زرعي پروگرام ڪرڻ سبب 1990ع ۾ ريڊيو پروگرام آفيسر طور مقرر ڪيو ويو. زراعت کاتي جي انفارميشن کاتي حيدرآباد هن وقت ان پوسٽ تي ڪم ڪري رهيو آهي.

محمد حسين قادري صاحب ريڊيو پاڪستان تان بحيثيت ريڊيو آرٽسٽ بلو ڪوڪر ناٽڪ ۽ انور بلوچ سان پيا پروگرام، گل حسن قريشي، جهانگير قريشي، انور هڪڙي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواجه امداد سان گڏ پروگرام ڪيا. ان کان علاوه تاريخي ناٽڪن محمد بن قاسم مشتاق مغل سان گڏ ڪم ڪيو.

ست سورمِيون مشتاق چنگيزي، صالح محمد شاه سان گڏ ڪم ڪيو. ڪيس سهٽي گولڊ مڊل شهدادڪوٽ، ڪي ٽي اين طرفان ڪراچي ۾ ايوارڊ ڏنو ويو. گهر جي گهر ماڻڪ موتي لال تنظيم طرفان ايوارڊ ڏنو ويو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد طرفان حسن ڪارڪردگي ايوارڊ قاضي اسد عابد طرفان ڏنو ويو. هن وقت اي آر وائي طرفان اردو سنڌي ڊراما سيريل زيور ڪري رهيو آهي. جيڪو جاويد فاضل فلمن جو ڊائريڪٽر ڪري رهيو آهي. ان کان علاوه جيو ٽي وي تي ڊرامه سيريل طارق جميل ڪري رهيو آهي. گهوڙا يا گاڏي، دنگي مڇه درياهه جو ترجمو.فاروق ڪري رهيو آهي. ناؤ ۾ درياهه، هن پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته اسان کي جياپي جي ويڙهه ۾ اعليٰ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، جيئن سوبِ حاصل ٿئي.

محمد حسينْ قادري هن وقت ٽِي وي تي ڪيترائي ناٽڪ ڊرامه سيريل ڪري چڪو آهي. هن وقت هڪ ناٽڪ ڪري رهيو آهي. جنهن جو 300 قسطون آهن. هن چيو ته زندگي جو وقت تمام ٿورو آهي. ان ڪري پاڻ ۾ محبت ونڊيو توهان کي تڪليف وقت انسان سان پيار ڪرڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مير محمد لنجار

مير محمد لنجار 04 جنوري 1952ع تي ڳوٺ مانجهو لڳ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو تعلقو ڪوٽڙي، ضلعي دادو هاڻوڪي ضلعي ڄامشوري ۾ عبدالرحمان لنجار جي گهر ۾ جنم ورتو.

هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول مانجهو ۾ حاصل ڪئي. جڏهن ته ڇهين ڪلاس کان وٺي ميٽرڪ 1969ع ڌاري گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڪوٽڙي مان انٽر 1971ع ڌاري مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد ۽ 1974ع ڌاري ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ان وقت سنڌ زرعي ڪاليج مان ايم ايس سي پاس ڪيائين.

04 مارچ 1971ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد پروڊيوسر سرور بلوچ ڪمرشل سروس ۾ بطور انائونسر چونڊ بعد ريڊيو تي مختلف پروگرام ڪيا. هڪ شعر هڪ نغمو مقبول پروگرام، لوڪ جي اسان جو سوال ۽ اوهان جو جواب منهنجي پسند جو نغمو چارٽ چوريو چنگ پروگرام ترتيب ڏنا ۽ سندس آواز ۾ ريڊيو پاڪستان، حيدرآباد تان نشر ٿيندا رهيا. اهو سڀ ڪجهه الله تعاليٰ جل شانه جو ڪرم آهي.

ان وقت بيگم ڪلثوم سلطان سينئر انائونسر؛ ان وقت جي اسٽيشن ڊائريڪٽر ايم بي انصاري، الياس عشقي، آغا سليم، سيد صالح محمد شاهه، نياز پنهور، مهتاب اڪبر راشدي، عبداللطيف عباسي، اقبال جعفري، شفيق الرحمان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پراڇو، جهانگير قريشي سان گڏ ڪم ڪيو.

..........................

1979ع ڪريڊٽ آفيسر يو بي ايل حيدرآباد زونل آفيس ميونسپل آفيس اسٽيشن روڊ حيدرآباد، ايگريڪلچرل سپروائزر ڪريڊٽ ٽيم انچارج مٽياري 1980ع کان 1983ع ٽنڊوڄام، 1985ع کان 1991ع تائين ٽنڊوالهيار ۾ مقرر رهيو.

سرڪل آفيسر، يو بي ايل، گل سينٽر حيدرآباد انچارج سينئر ايگريڪلچرل آفيسر 1993ع ۾ زونل آفيس ميرپورخاص ۾ ايگريڪلچرل انچارج ڪريڊٽ آفيسر 1995ع رهيو. سرڪل آفيس، ريجنل آفيس ريجنل ڪوآرڊرينيٽر ۽ ريجنل ايگريڪلچرل مئنيجر رهيو. 2005ع ميرپورخاص بدلي ڪري رکيو ويو. ڊسٽرڪٽ سانگهڙ يو بي ايل برانچ ايگريڪلچرل ڪريڊٽ آفيس آڪٽوبر 2007ع گولڊن هئنڊ شيڪ ورتو. اڄ ڪالهه وحدت ڪالوني حيدرآباد ۾ رهائش رکي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محمد قاسم ماڪا

ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

محمد قاسم ماڪا 03 مئي 1954ع تي ڳوٺ ماڪا تعلقو ڳڙهي ياسين ضلعي سکر هاڻوڪو ضلعو شڪارپور ۾ شاهه محمد ماڪا جي گهر ۾ جنم ورتو. محمد قاسم ماڪا ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول قاضي واهڻ تعلقي ڳڙهي ياسين مان حاصل ڪئي. ياد رهي ته ان پرائمري اسڪول ۾ مهراڻ يونيورسٽي جو پرنسپل ڊاڪٽر افغان تعليم حاصل ڪئي هئي.

محمد قاسم ماڪا صاحب ميٽرڪ جو امتحان 1970ع ڏاري گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سکر نمبر ون مان پاس ڪيو. جڏهن ته انٽر ميڊيئيٽ جو امتحان سال 1972_73ع ۾ سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. اتي مرزا قليچ بيگ جو لکيل ناٽڪ انڪوائري آفيسر ۾ منظور قريشي سان گڏ ڪم ڪيائون. ان سلسلي ۾ عبدالڪريم بلوچ صاحب پي ٽي وي تي ڪيس آڻڻ ۾ اخلاقي مدد ڪئي. ڪين پي ٽي وي جي پروگرام سُر جي سفر جي سلسلي ۾ تحقيقي ڪم ڪرڻ جي سلسلي ۾ ايوارڊ پڻ ڏنو ويو. محمد قاسم ماڪا صاحب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ۾ ريسرچ آفيسر مقرر ڪيا ويا. جنهن کان پوءِ ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ هن وقت ڊائريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي آهن. ان مقام تي آڻڻ جي لاءِ پير، علي محمد شاهه راشدي سنڌ يونيورسٽي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سابق وائس چانسلر شيخ مبارڪ اياز ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا ساڻس سرڪاري نوڪري جي سلسلي ۾ اخلاقي مدد ڪئي.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ميڊم مهتاب چنا، عنايت بلوچ، ايم بي انصاري، سندس مدد ڪئي. جيسين هو ريڊيو تي پنهنجي ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪري ان کان علاوه امان الله انصاري ڪيس ريڊيو تي آڻڻ ۾ سندس مدد ڪئي. جڏهن ته علي محمد پنو جهانگير قريشي سندس رهنما رهيا.

محمد قاسم ماڪا جا لکيل گيت رونا ليليٰ، عابده پروين، محمد يوسف، محمد جمن ۽ ٻين فنڪارن 100 کان مٿي گيت ڳايا آهن. جڏهن ته سڀ کان پهرين اي اي پروڊڪشن طرفان محمد قاسم ماڪا، جلال چانڊيو، عابده پروين، ماسٽر چندر، ڀڳت ڪنور رام، زرينا بلوچ ۽ ٻين فنڪارن جون ڪيسٽون ميدان ۾ آڻي سنڌي ماڻهن کي اردو ڪيسٽ جي دنيا مان سنڌي ڪيسٽ جي دنيا ۾ آندو.

محمد قاسم ماڪا جي ميوزڪ سان دلچسپي ڏسي موجوده اسٽيشن ڊائريڪٽر نصير مرزا محمد قاسم ماڪا جي پروگرام ڪرڻ جي انداز کي ڏسي گهٽو ڪجهه حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. موجوده پروگرام مئنيجر گل حسن قريشي پڻ محمد قاسم ماڪا جو شاگرد آهي. جڏهن ته محمد قاسم ماڪا جي ڪلاس فيلوز ۾ ادل سومرو، رفيق سومرو، انڪم ٽيڪس آفيسر سکر، سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جسٽس صادق پٽني شامل آهن. محمد قاسم ماڪا کي پنهنجي زندگي ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، استاد بخاري ۽ ٻين سنڌس شاعري ۽ گيت جي ريڪارڊنگ ڪرڻ جا حق واسطا ڏئي ڇڏيا هئا. ان کان علاوه کي ٽي اين پروگرام رنگ منچ هفتي ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چار پيرا پيش ڪيو وڃي ٿو، جيڪو موسيقي بابت هڪ مڪمل تحقيقي پروِگرام آهي. جنهن کي سنڌ جي عوام تمام گهڻو سارا هيو آهي.

محمد قاسم ماڪا کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ هن ماستر چندر، ڀڳت ڪنوررام جي وڊيو ريڪارڊنگ منظر عام تي آندي. محمد قاسم ماڪا سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو جي گورننگ باڊي جو ميمبر پڻ آهي.

سابق وزيراعظم شهيد بينظير ڀٽو صاحب محمد قاسم ماڪا کي سندس ڊاڪيومينٽري فلمن ۽ دستاويزي ۽ موسيقي جي بهترين پروگرام پيش ڪرڻ تي ڪيس ساراهيندي هئي. محمد قاسم ماڪا سنڌ جي ڪيترن ئي فنڪارن کي فن جي دنيا ۾ ڪيسٽ جي دنيا ۾ آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسماعيل بن واصف

اسماعيل بن واصف 1931ع ڌاري محمد بخش واصف جي گھر ۾ ولايت علي شاھ جي پڙ ڪاھي روڊ حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم قاضي عبدالقيوم پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي. بعد ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد مقرر ڪيو ويو. اسماعيل بن واصف ٻارن جي لاءِ ڪتاب ڪهاڻيون لکيون. ڪيس سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ بحيثيت پروف ريڊر مقرر ڪيو ويو. جنهن بعد هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي لاءِ ڊراما پروگرام تحرير ڪيا.

اسماعيل بن واصف 1966ع ۾ رٽائرمينٽ ڪان پوءِ روزانو آفتاب حيدرآباد ۾ فلمي صفحو جاري ڪيو. اسماعيل بن واصف سنڌي فلم بادل ۽ برسات ناهي، جنهن ۾ ابو بلال هيرو هو. مرحوم يادگار اسٽور طرفان ڪيٽريون گائيڊون تحرير ڪيون. مرحوم سان آخري ملاقات مارڪيٽ ٽاور پرسان هڪ هوٽل ۾ ٿي. ان بعد 23 جون 1993ع کان بيمار رهڻ بعد، مرحوم 24 نومبر 1993ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس پونيئرن ۾ محمد ماسٽر اسماعيل بن واصف، محمد اسلم پناڻ مرحوم ۽ ٻيا شامل آهن. جيڪي هن وقت ڪاهي روڊ حيدرآباد تي رهائش رکن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداڪار لياقت شيخ

لياقت علي شيخ 22 مئي 1957ع تي حيدرآباد ۾ شوڪت علي شيخ وڪيل جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد مان حاصل ڪئي، بعد ۾ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان جڏهن ته ماڊل اسڪول مان 1972ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. انٽر مسلم سائنس ڪاليج مان 1974ع ۾ پاس ڪيائين ۽ بي اي سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان، 1977ع ۾ ايل ايل بي، سنڌ حيدرآباد لا ڪاليج سوسائٽي حيدرآباد مان پاس ڪيائين. 1984ع ۾ ايم اي سوشالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان 1986ع ۾ پاس ڪئي.

تعليم ڪاٽي ۾ 1980ع ۾ جونيئر ڪلارڪ سلطان آباد بوائز هاءِ اسڪول هن وقت ڊي او ايليمينٽري حيدرآباد وٽ سپريڊنٽ طور پنهنجا فرائض انجام ڏئي رهيو آهي.

لياقت علي شيخ اسٽيج تي 1974ع کان 1980ع تائين ناٽڪن ۾ ڪم ڪيو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان مختلف پروگرام ناٽڪ ڪيا. ڪاروبار جي سلسلي ۾ حيدرآباد جي شورومن تي گاڏين جو ڪاروبار ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ذوالفقار علي قريشي

ذوالفقار علي قريشي، استاد نياز حسين جي گهر ۾ 13 مئي 1963ع تي جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول فردوس ڪالوني لياقت ڪالوني حيدرآباد مان حاصل ڪئي. جڏهن ته ميٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائين. جڏهن ته بي اي ميوزولاجي نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور، پنجاب يونيورسٽي مان پاس ڪئي. هندي زبان بابت پڻ ڊپلوما ڪورس پاس ڪيائين.

1989ع ۾ ايم اي ماس ڪميونيڪيشن يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو مان پاس ڪيائين، گڏوگڏ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جي پرائمري ۽ هاءِ اسڪولس ۾ 1989ع کان 1993ع تائين بحيثيت ميوزڪ ٽيچر فرائض انجام ڏنائين:

هن وقت اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان ڊپارٽمينٽ آف ماس ڪميونيڪيشن يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو ۾ پڙهائي رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو مقامي خبرون پڙهندو هو. جيڪي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ڪراچي کان علاوه ٻين ريڊيو اسٽيشنن تي نشر ڪيون وينديون هيون. هن چيو ته خبرن ۾ مون ۾ منهنجي شاگردن نواڻ پيدا ڪرڻ جي، ڪوشش ڪئي. 1977ع ۾ سينٽرل نيوز براڊڪاسٽنگ جو شعبو اسلام آباد ۾ منتقل ڪيو ويو. جتي هن 1983ع تائين اسلام آباد ريڊيو تان خبرون پڙهيون. ڪيس صدر پاڪستان طرفان خبرون پڙهڻ جي شعبي ۾ نمايان ڪارڪردگي سرانجام ڏيڻ تي حسن ڪارڪردگي ايوارڊ 1982ع ڏنو ويو.

1984ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ بحيثيت اسڪرپٽ رائٽر جي مقرري ڪئي وئي. اهڙي نموني بحيثيت ليکڪ، ڊراما آرٽسٽ ۽ نيوز شعبي سان لاڳاپيل هجڻ سبب ٽن شعبن جو ماهر ڪامران پنهنجي آهي. بحيثيت اسڪرپٽ رائٽر جي ڪامران پنهنجي ٻارن جي ٻاري، ڊراما فيچر، الف اجالا، رنگ نو، موسيقي جا پروگرام پروڊيوس ڪيا.

سنڌي ناٽڪ جمهور جو آواز جيڪو اڳتي هلي سيد صالح محمد شاهه جو پروگرام فتح خان جي اوطاق ۾ تبديل ٿيو، پروڊيوس ڪيا. ڪامران پنهنجي صاحب دفتري لکپڙهه جي شعبي ۾ پڻ وڏو ماهر آهي. هر اسٽيشن ڊائريڪٽر سندس ان صلاحيت مان پورو پورو فائدو حاصل ڪندو هو. 1994ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان رٽائرمينٽ بعد ڪيس ڪانٽريڪٽ تي رکيو ويو. جنهن دوران 2005ع تائين هن ڪم ڪيو.

ڪامران پنهنجي چيو ته اسان جي نيوز ڪاسٽر سندس رول ماڊل تي عمل ڪري رهيا آهن. جنهن ۾ زاهد جتوئي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبرن پڙهڻ جو انداز سرفهرست آهي. ڪامران پنهوَر صاحب کي الله تعاليٰ ٽي فرزند عطا ڪيا آهن. جيڪي فرنيچر جو ڪارخانو هلائي رهيا آهن. هن چيو ته ان شعبي ۾ ماڻهن جي منافقي ۽ حسد تنزلي جو سبب آهن. ان ڪان پوءِ ڪامران پنهوَر صاحب کي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ بحيثيت سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. جتي ڪجهه عرصو رهڻ بعد هن وقت جي اسٽيشن ڊائريڪٽر نصير مرزا ڪيس اهم ذميواريون حوالي ڪرڻ بعد هن جي همت افزائي ڪئي آهي. ڪامران پنهوَر صاحب بطور نيوز ڪاسٽر جي رول ماڊل طور تي ڪيس اعزاز ڏنو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريڊيو ۽ ٽي وي جو فنڪار

# رسول بخش ڏاهري

رسول بخش ڏاهري 4 مئي 1961ع تي غلام حسين ڏاهري جي گهر ڳوٺ محمد خان ڏاهري تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول جهل جو ۾ جڏهن ته ميٽرڪ گورنمنٽ پرونشلائزڊ هاءِ اسڪول شهدادپور مان جڏهن ته انٽرميڊيئيٽ ۽ بي اي جو امتحان گورنمنٽ ڊگري ڪاليج شهدادپور مان پاس ڪرڻ بعد ڪيس ڪراچي ۾ نوڪري ملي ته هن 1985ع کان ريڊيو پاڪستان ڪراچي تان مختلف پروگرام ڪيا. جڏهن ته ان کان اڳ 1978ع کان اسٽيج تي ناٽڪ پڻ ڪندو رهيو. جنهن بعد 1983ع کان پي ٽي وي ڪراچي سينٽر جي سنڌي اردو ناٽڪن کان علاوه 1992ع ۾ سنڌس ناٽڪ روسو هزار شير خان کي نهايت گهڻو پسند ڪيو ويو. جڏهن ته ڪي ٽي اين تي سنڌس ناٽڪ گردش نصيب ۽ سهارو کي ايوارڊ جي لاءِ نامزد ڪيو ويو هو. هن چيو ته اسان جي نوجوانن کي پڙهائي طرف وڌ کان وڌ ڌيان ڏيڻ گهرجي . هر نوجوان کي پنهنجي فيلڊ ۾ نمايان حيثيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته اسان کي انسانيت جي مڪمل پرک هجڻ گهرجي. هن چيو ته سنڌ ٻڏي رهي آهي. ڳالهين بجاءِ اسان کي عملي انسان ٿيڻ گهرجي. ملڪي سطح تي اسان هيٺئين سطح تي اچي ويا آهيون. اسان کي قابليت حاصل ڪري اڳتي وڌڻ گهرجي. هن چيو ته ٻوڏ جي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ اسان کي هر سطح تي تيار ٿيڻ گهرجي.

هن پي ٽي وي جي ڀيٽ ۾ خانگي چينلن کي چيو ته اهي پتر دنيا جي اصلاحي ناٽڪ عام ماڻهن جي مزاج موجب پيش ڪن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سيد ماڪن شاهه رضوي

سيد ماڪن شاهه رضوي 11 نومبر 1960ع تي سيد جيئرو شاهه رضوي جي گهر ۾ ڳوٺ جيئرو شاهه لڳ ٽنڊو باگو ضلعي بدين ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جيئرو شاهه پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي جڏهن ته وڌيڪ تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول جهڏو ميٽرڪ جڏهن ته انٽرميڊيئيٽ جو امتحان شاهه وجي هاءِ اسڪول، ميرپور خاص انٽر ڊگري ڪاليج ٽنڊو جان محمد مان، بي اي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پاس ڪئي اٿس.

سائين ماڪن شاهه رضوي جا ٻه ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. جنهن ۾ هڪ ڪتاب زهر جهڙي زندگي اڄهاميو ٻرن جيڪو سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري حيدرآباد طرفان ڇپايو ويو آهي. جنهن کي سنڌ ثقافت کاتي پاران سال جو بهترين ڪتاب قرار ڏيندي ڪيش 50 هزار روڪ انعام ڏنو ويو.

سندس ڪيترائي ڪلام ريڊيو ۽ ٽي وي تي ڳايا وڃن ٿا. سندس 138 ڪالم مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ جڏهن ته 71 مضمون شائع ٿيا آهن. جڏهن ته 10 ڪتابن جو مسودو تيار آهي. شاهه صاحب حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جي روشني ۾ شاهه جا سورما امرو ڪردار ريڊيو ٽي وي جي لاءِ ڊراما ٽائيز ڪيل.

شاهه جا پڪي شاهه جي ڪلام ۾ ذڪر ڪيل پکين تي تحقيقي مضمون ۽ فيچر لکيا اٿس. شاهه جا پورهيت،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پورهيت جي ڪردارن تي تحقيقي مضمون ريڊيو فيچر تحرير ڪيا اٿس. سنڌڙي تنهنجا ڳوٺ وسن، سنڌ جي ڳوٺن تي تحقيقي فيچرز ۽ مضمون لکيا اٿس.

ان ڪان علاوه ڌرتي ڌياڻيون، سنڌ ۾ عورتن جي نالي تي آباد ٿيل شهرن ۽ ڳوٺن تي تحقيقي مضمون ۽ فيچرز تحرير ڪيا اٿس. شاهه صاحب ڪي ٻه گهر واريون آهن. جنهن مان ڪين ست ٻار آهن.

شاهه صاحب کي برسات جي سانوڻي مُند پسند آهي. رنگ ۾ رنگ پيلو ۽ آسماني رنگ پسند آهي. گلن ۾ موتيو ۽ چنبيلي گل پسند آهن. شاهه صاحب اڪثر سلوار قميص پائڻ پسند ڪندا آهن. ڪين مهينن ۾ مهينو ڊسمبر پسند آهي. ٺٽي ۽ حيدرآباد سندس پسنديده شهر آهن. پنهنجي والده جي شفقت ۽ چانو ۾ رهڻ پسند ڪندا آهن. هن وقت قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهائش اٿن.

سيد ماڪن شاهه رضوي ريڊيو ٽي وي، اسٽيج جي ڪمپيئرنگ ڪرڻ کان علاوه هڪ بهترين ناٽڪ ليکڪ، ڪهاڻيڪار، شاعر، ڪالم نگار ۽ مضمون نگار آهي.

ريڊيو پاڪستان تان سندس 95 ناٽڪ ۽ 276 فيچرز نشر ٿي چڪا آهن. جڏهن ته ٽي وي تي 32 سنڌي سيريل ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن. جڏهن ته 26 اردو ۾ سيريل 5 اردو ۾ سيريز جڏهن ته 2 سنڌي ۾ آرٽ پلي سنڌي ۾ 22 جڏهن ته اردو ۾ 118 آرٽ پلي ٽي وي تي ٽيليڪاسٽ ٿي چڪا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريڊيو آرٽسٽ

# قاضي محمد جمن مرحوم

محمد جمن قاضي ولد قاضي محمود سال 1933ع ۾ ننڍڙي ڳوٺ ٽگر نوان ضلعو نوابشاهه تعلقو ڪنڊيارو ۾ جمعي ڏينهن ڄائو. محمد جمن جمعي ڏينهن ڪري نالو رکيو ويو هوس. اصل نالو اسان جي والد صاحب پنهنجي پيءُ جو دوست محمد رکيو.

ننڍي هوندي کان نهايت شرارت ۾ تيز پڙهائيءَ ۾ گهٽ هو. پر جڏهن بابا سائينءَ جي بدلي ڪراچيءَ ۾ (چيف ڪورٽ) هاڻي هاءِ ڪورٽ جي نالي سان مشهور آهي، تڏهن بابا سائين ڳوٺ کي الوداع ڪري اچي ڪراچيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي.

محمد جمن ڪراچيءَ ۾ لياري مارڪيٽ جي پرسان آسن مل تي اوجها اسڪول ۾ داخلا ورتائين ۽ فائنل اتان پاس ڪري اين جي وي هاءِ اسڪول ۾ پرائمري ماستر مقرر ٿيو. ان وقت پرنسپال صاحب موسوي صاحب هو. ۽ هن کي بابا جي ڪري ئي اتي جاءِ ڏنائين. چو ته بابا ۽ امان جي وفات بعد وڏي ڀاءُ ڪرسچن مائيءَ سان شادي ڪئي ۽ اسان کي پنهنجي دين تان ٿيڙڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ان ۾ هو ڪامياب نه وئي. الله تبارڪ و تعاليٰ اسان کي پنهنجي دين اسلام تي رهڻ جي توفيق ڏني.

اين جي وي هاءِ اسڪول مان ئي سال 1952ع ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج ۾ سکيا لاءِ سرڪار طرفان ويو. جتان ٻه سال ٽريننگ ڪري اتي ئي ماستري ورتائين ۽ ان دوران هن جي استاد محمد جمن ميراثي سان ملاقات ٿي ۽ هن ان کان راڳ جي سکيا ورتي. ۽ هن چڱي مهارت حاصل ڪئي. باقاعده هن کي ريڊيو پاڪستان جا پروگرام ملڻ شروع ٿيا ۽ هي ڪافي مشهور ٿي ويو. گهٽو ڪري پنهنجي استاد سان گڏجي شادين ۾ ويندو هو ۽ هن جوٽيجا قوم مان شادي ڪئي. جنهن مان کيس ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون آهن. جيڪي اجان حيات آهن.

آخر هي جهان ڇڏڻو ئي آهي ۽ قاضي محمد جمن سال 1995ع ۾ حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو ۽ کيس لواري شريف ضلعي بدين ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. خدا پاڪ کيس جنت ۾ جاءِ عطا ڪري آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موسيقار غلام حيدر

موسيقار غلام حيدر 1906ع ۾ حيدرآباد ۾ جنم ورتو. 1935ع ۾ سورگ کي سڙهي فلم ۾ گل بڪاؤلي، يملا جٽ ۽ چوڌري فلمن جي موسيقي ڏني. مشهور فلم خاندان ۾ کيس شهرت ملي. هن سردار اختر، امراءُ بيگم، زينت بيگم، منور سلطانه کي آواز جي دنيا ۾ متعارف ڪرايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# الياس عشقي مرحوم

الياس عشقي صاحب 1922ع ۾ جيپور ۾ جنم ورتو. پاڻ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا اسٽيشن ڊائريڪٽر رهي چڪا آهن. هن کي هندي، مارواڙي، اردو، سنڌي، پنجابي، فارسي، انگريزي ۽ سرائيڪي ٻولين تي دسترس حاصل هو.

سنڌس شاعريءَ جو ڪتاب شعر آشوب فارسي ۾ شائع ٿيو. حڪومت پاڪستان کيس ستاره امتياز عطا ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سيد الهہ بخش شاهہ بخاري

سيد الهہ بخش شاهہ بخاري ڳوٺ ٽنيا بقا شاهہ ڪنڊيارو ضلعي نوابشاهہ ۾ هڪ سادات گهراڻي ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم ڳوٺ ٽنيا بقا شاهہ تعلقي ڪنڊياري مان حاصل ڪئي. بعد ۾ ڊي سي هاءِ اسڪول نوابشاهہ مان ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد حيدرآباد منتقل ٿي ويا. جتي سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد عبدالله شاهہ سان گڏ گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪيائون.

جڏهن تہ گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري ڦليلي حيدرآباد مان انٽر پاس ڪرڻ ڪجهہ وقت استاد جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ بعد ڪين ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پروگرام آرگنائيزر جي حيثيت ۾ مقرر ڪيا ويا. جڏهن پاڻ پروڊيوسر هئا تہ شفيق الرحمان پراچا سان گڏ جشن تمثيل جي سلسلي ۾ اردو ناٽڪ اب رعنائي خيال ڪهان پيش ڪيائون. جيڪو سڄي سنڌ ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو. جنهن ۾ هڪ فنڪار ناياب حسين هڪ پالو باندر جانور جو ڪردار ادا ڪيو. جنهن کي هڪ ڇوڪري پسند ڪري ٿي.

الهہ بخش شاهہ بخاري ريڊيو تي پروگرام مئنيجر دوران بهترين سنڌي اردو پروگرام پيش ڪيا. رٽائرمينٽ کان پوءِ سنڌس خدمتون سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حيدرآباد جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. منهنجي ساڻس آخري ملاقات 2005ع ڌاري غلام شاهہ ڪلهوڙي جي مزار تي ٿي، جتي غلام مصطفيٰ قاسمي کي سپرد خاڪ ڪيو ويو. تمام گهڻا اديب موجود هئا. ان وقت نصير مرزا کي چوندا رهيا تہ ادا ڪي ٽي اين تي ٻوليءَ ۾ بگاڙ ۽ ثقافت کان هٽي پروگرام پيش ڪيا پيا وڃن، آخري ڏينهن ۾ قاسم آباد ۾ رهائش اختيار ڪيائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جهانگير قريشي

جهانگير قريشي 29 جون 1949ع تي خاوند ڏنو قريشي جي گهر برنس روڊ نزد رام باغ ڪراچي ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم آسومل تيجا پرائمري اسڪول چاڪيواڙه لياري مارڪيٽ ڪراچي مان حاصل ڪئي. جڏهن ته ميٽرڪ اين جي وي هاءِ اسڪول ايم اي جناح روڊ ڪراچي مان پاس ڪئي. ان وقت سندس استاد امر جليل هوندو هو. سعيد منزل بندر روڊ ڪراچي ۾ واقع سندس گهر هيٺان سندس گهرجي لاءِ ڪير ڏهي وٺي سندس گهر ڏئي ايندو هو. امر جليل قاضي ۽ جهانگير قريشي روهڙي جا هجڻ سبب پاڻ ۾ ڳوناٺي هئا. ٻنهي جا پاڙا قريشي محلو ۽ قاضي محلو گڏوگڏ روهڙي ۾ آهن.

امر جليل ڪلچرل سوسائٽي جو نگران هوندو هو، ان ڪري ساليانو پروگرامن ۾ امر جليل سان گڏ ڏينهن رات ريهرسل ڪرڻ ۾ لڳا پيا هوندا هئا. ريڊيو ۽ اسٽيج جا موسيقي ناٽڪ جا پروگرام پاڻ ۾ ملي ڪندا هئا. ظفر ڪاظمي چترڪاري پڻ اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ ڊرائنگ ٽيچر هو، جيڪو بعد ۾ سنڌ عجائب گهر حيدرآباد جو ڊائريڪٽر ٿيو.

بعد ۾ جهانگير قريشي مسٽر قريشي جو ڪاليج جيڪو گرومندر اڳيان موجود آهي، جنهن کي حڪومتي تحويل ۾ وٺڻ بعد اسلاميه ڪاليج نالو ڏنو ويو. جون 1966ع ۾ فرسٽ جو امتحان پاس ڪرڻ بعد 1967ع ڌاري انٽر حاجي عبدالله هارون ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪئي، جتي ملڪ جو مشهور شاعر فيض احمد فيض پرنسپال هوندو هو. اتي سنڌي جو ليڪچرار رشيد احمد لاشاري استاد هو جيڪو پڙهائيندو هو. رشيد احمد لاشاري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريڊيو ۽ فلمي شاعر پڻ هو. قريشي صاحب کي سنڌي پڙهائيندو هو. جهانگير قريشي 1967ع ڌاري پوليٽيڪل ڪاليج حيدرآباد مان ڊپلوما ٽن سالن ۾ مڪمل ڪرڻ بعد 1969ع ڌاري امتحان ڏنو.

جهانگير قريشي صاحب ٻڌايو ته فيض احمد فيض ڪراچي ۾ رهندڙ مختلف ملڪن جي سفيرن ۽ قونصليٽ جنرلن کي عبدالله هارون ڪاليج اچڻ جي دعوت ڏيندو هو، جنهن دوران هو هر ڪلاس ۾ وڃي ٽي ٽي منٽ شاگردن کي ليڪچر ڏيندا هئا. اهو ليڪچر ٽن منٽن ۾ ٽن حصن ۾ ورهايو ويندو هو. اهو پرڏيهي سفير قونصليٽ جنرل ٻڌائيندو هو، هو ڇا هو، هن ڪيئن پڙهائي ڪئي ۽ هن درجي تي ڪيئن پهتو. مختصر ڪري شاگردن کي ٻڌائيندو هو. اهو سلسلو اسان جي يونيورسٽين ۾ ٿيڻ گهرجي. جيئن اها ڄاڻ يونيورسٽي جو هر شاگرد وڌ کان وڌ ڄاڻ حاصل ڪري سگهي. ان زندگيءَ جي احوال ۾ اهو ٻڌائيندو هو ته مون زندگيءَ ۾ ڪهڙي جدوجهد ڪئي. ان انگريزي احوال جو فيض احمد فيض ترجمو ڪري ٻڌائيندو. سفير يا وزير ڇا چيو.

فيض احمد فيض شاگردن ۾ زبردست نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين، اسٽيج پروگرامن جي ذريعي شاگردن کي سرگرم رکندا هئا. فيض احمد فيض صاحب ٻه ڏينهن اڳ شاگردن کي اطلاع ڪندا هئا ته فلاڻي ملڪ جو وزير، سفير يا قونصليٽ جنرل اچي رهيو آهي. سيني شاگردن ۽ استادن کي پابند ڪيو ويندو هو ته اهي مقرر وقت کان اڳ پنهنجن پنهنجن ڪلاسن ۾ موجود رهن.

1967ع ۾ حيدرآباد منتقل ٿيڻ بعد 1970ع ۾ ٽن سالن جو ڊپلوما ڪرڻ بعد بحيثيت انجنيئر اليڪٽريڪل هڪ سال جي لاءِ 1971ع تائين ڪريم ڪاٽن مل ڪوٽڙي ۾ نوڪري ڪئي، جتي سيٺ بابو ۽ سيٺ يوسف مل جا مالڪ هوندا هئا.

1972ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ بحيثيت اناؤنسر اپريل 1971ع کان مقرر ڪيا ويا. ان وقت ريڊيو پاڪستان جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسسٽنٽ ريجنل ڊائريڪٽر شفيق الرحمان پراچا هو. جيڪو ريڊيو تي اردو ۾ مقامي خبرون پڙهندو هو. اناؤنسر جي حيثيت ۾ مقرر ڪيو. ان وقت مسٽر سرور بلوچ پير اسحاق جان سرهندي سينئر پروڊيوسر هوندا هئا. ڪمرشل سروس جو اسسٽنٽ ريجنل ڊائريڪٽر شفيق الرحمان پراچا هوندو هو. 12 ماڻهن مان مير محمد لنجار ۽ جهانگير قريشي ٻه ڄڻا جو ٻنيا هر وياپي مهيني 15 ڏينهن جي بڪنگ مير محمد لنجار ۽ 15 ڏينهن جي بڪنگ جهانگير قريشي مون کي ملندي هئي. 15 ڏينهن مير محمد لنجار گور ويهندو هو. 15 ڏينهن مان گهر ويهندو هوس. 15 ڏينهن جي بڪنگ ملندي هئي.

1977ع ۾ بحيثيت پروڊيوسر 1986ع ۾ سينئر پروڊيوسر ۽ 1999ع ۾ پروگرام مئنيجر ۽ 2002ع ۾ اسٽيشن ڊائريڪٽر مقرر ڪيا ويا. هيڊ ڪوارٽر ۾ ڊپٽي ڪنٽرولر ٿيڻ بعد 53 سالن جي ڄمار ۾ 7 سال اڳ اسٽيشن ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائرمينٽ حاصل ڪئي. ايل پي آر ورتي. ان دوران افغانستان جي بارڊر تورخم ڪوئٽا سنڌ بلوچستان لاهور، ملتان پاڪ پتن ۾ خواجه فريد گنج شڪر، بابا بلهي شاهه جو قصور ۾ زيارت ڪئي. شاهه نوراني جو بلوچستان ۾ وڃي زيارت ڪئي. 2004ع ۾ حج جي سعادت نصيب ٿي.

گذريل سال جون 2010ع ۾ سرڪاري وفد سان گڏ خواجه نظام الدين اولياءُ جي نئين دهلي ۾ زيارت نصيب ٿي. ان کان علاوه حضرت امير خسرو، حضرت شاهه بختيار ڪاڪي جي مزار تي پڻ حاضري ڀري. اجمير شريف ۾ خواجه غريب نواز جي سرڪاري عرس جي تقريبات ۾ شرڪت. ملتان ۾ شاهه رڪن عالم جي مزار تي حاضري ڀري داتا گنج بخش لاهور ۾ زيارت نصيب ٿي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مزار تي حاضري ڀرڻ جي لاءِ 1979ع ۽ 1980ع منهنجي باس باسيل هئي پيرين پنڌ مزار تي حاضري ڀري.

جهانگير قريشي ٻڌايو ته جڏهن کان مون هوش سنڀاليو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي منهنجو روحانيت سان لڳاءُ رهيو آهي. منهنجا وڏا پاڻ پڙائين تا تہ ننڍپڻ ۾ منهنجي مٿان مختلف قسم جون روحاني ڪيفيتون هونديون آهن. ان ڪري منهنجو لاڙو روحانيت طرف رهيو آهي. 1972ع ۾ پنهنجي مرشد حضرت فقير حاجي ملنگ دولهہ درياهہ گهانگهرا موري وٽ درگاهہ موجود آهي. جيڪو چينل موري ٽنڊو فضل روڊ وٽ مزار واقع آهي. پاڻ فقير سائين 29 نومبر 1987ع تي هن فاني دنيا مان پردو مٽائي ويا آهن.

جهانگير قريشي ٻڌايو تہ هڪ ڀيرو ان وقت جي اسٽيشن ڊائريڪٽر طرفان ليکڪ طرفان ناٽڪ جو اسڪرپٽ نہ پهچڻ سبب ٿوري وقت ۾ ناٽڪ جو اسڪرپٽ لکي ڏنو. جڏهن قمر شهباز ڪمري ۾ بند ٿي هڪ لازوال ناٽڪ لکي ڏنو تمام ٿوري وقت ۾ مان اهي واقعا ياد ڪري حيران ٿيندو آهيان. آخر ۾ جهانگير قريشي نوجوانن جي لاءِ پيغام ڏنو تہ هن وقت نوجوانن کي ڪمپيوٽر نيٽ ۽ دنيا جون ٻيون سهوليتون ميسر آهن. ان سهوليت مان پورو فائدو حاصل ڪن. اسان جي وقت ۾ تعليمي سهوليتون تمام گهٽ هيون. اسان محنت ڪري تعليم حاصل ڪئي. ان ڪري توهان مٿان ذميواري لاڳو ٿي ٿئي تہ اوهان جي والدين جون اوهان ۾ اُميدون آهن. سڄي قوم جو دارومدار اوهان تي آهي. ان ڪري مهرباني ڪري انهن سهوليتن مان پورو فائدو حاصل ڪن. اسان جي دور ۾ اسان شاگرد استادن جو وڏو احترام ۽ عزت ڪندا هئاسين. ان ڪري استاد جو ادب احترام ڪرڻ ضروري آهي.

اهڙي طرح سان اخلاقي طرح سان سينگاريل سنواريل شاگرد قوم جي وڏو اثاثو آهن. پر اڄ ڪالهہ اها ڳالهہ اسان کي شاگرد ۾ گهٽ نظر اچي رهي آهي. اڄ ڪالهہ جي نوجوانن اسان ڪان وڌيڪ پروسو آهي. ان ڳالهہ ۾ ان ڳالهہ جي ڪمي محسوس ٿي ٿئي. گهٽائي اهڙن شاگردن نوجوانن جيڪي ان ڳالهہ کان الائي جو محروم آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استيشن ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان ڪراچي

# محترم ڪوثر ٻرڙو

غلام قادر ڪوثر ٻرڙو ڀهرين سيپٽمبر 1958ع تي نبي بخش ٻرڙو جي گهر ڳوٺ ڄاني ٻرڙو تعلقي ڪوٽڏيجي ضلعي خيرپورميرس ۾ جنم ورتو. جيڪو ڪوٽڏيجي کان 15 ڪلوميٽر پري آهي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. جڏهن ته ميٽرڪ جو امتحان 1975ع ڏاري ڪمپريهينسو هاءِ اسڪول خيرپور ميرس مان سيڪنڊ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين. 1981ع ۾ بي اي آنرز شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپورميرس ۽ 1983ع ۾ ايم اي بين الاقوامي تعلقات ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ امتحان پاس ڪيو.

پرائمري استاد نظام الدين پناڻ، خادم حسين خاصخيلي، ڪريم بخش شيخ، محمد علي ڪانهير، محمد عمر سومرو جڏهن ته مڊل اسڪول لياري، لاڙڪاڻو، سکر، خيرپور ۾ استاد غلام رسول ٻرڙو، الطاف حسين رڏ، عبدالحڪيم رڏ، اشتياق صديقي، خميس علي ٻرڙو ۽ تيجو رام. هاءِ اسڪول ۾ استاد ڪريم بخش لاڙڪ، حبيب الله ميمڻ، عبدالعزيز ميمڻ، امداد شاهه ۽ هدايت الله شيخ. جڏهن ته ڪاليج ۾ غلام رسول گوپانگ، جان محمد کوسو ۽ محمد رمضان اعواڻ. يونيورسٽيءَ ۾ امان الله پتني، مونس اياز شيخ، عبدالمجيد چانڊيو، سيد مقبول شاهه، ملڪ نديم ۽ عبداللطيف علوي پڙهايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوثر جي شادي خانه آبادي 1980ع ۾ ٿي. 18 آگسٽ 1982ع تي عاصم علي عبيد جنم ورتو ۽ 11 آگسٽ 1997ع تي جيڪو ننڍپڻ ۾ وفات ڪري ويو. 2 مارچ 1996ع تي مريم وفات ڪري وئي. 15 نومبر 1993ع تي ڪائنات جنم ورتو. مريم ۽ ثاقب علي 27 فيبري 1996ع تي جنم ورتو. سرمد 11 نومبر 1998ع تي گل محمد رابيل نومبر 2000ع تي مريم 6 ڊسمبر 2002ع تي ۽ معصوم 5 آڪٽوبر 2005ع تي جنم ورتو.

ڪوثر 03 نومبر 1983ع تي پاڪستان براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن اسلام آباد ۾ پروڊيوسر مقرر ٿيا. 22 مارچ 1984ع تي اڪيڊمي مان سکيا مڪمل ڪري 2 اپريل 1984ع تي ريڊيو ڪراچي تي ڊيوٽي رپورٽ ڪئي. 20 آگسٽ 1987ع تي ڪراچي مان ڪين بدلي ڪري حيدرآباد اسٽيشن تي رکيو ويو ۽ 30 آگسٽ 1987ع تي جوائن ڪيائين. 13 مئي 1990ع تي گروپ 06 ۾ ڪيس سينئر پروڊيوسر مقرر ڪيو ويو. 22 سيپٽمبر 1995ع تي لاڙڪاڻي ۾ رکيا ويا. 30 نومبر 1995ع تي حيدرآباد مان بدلي ڪري خيرپور ميرس رکيو ويو. جتي 09 ڊسمبر 1995ع تي رپورٽ ڪيائين.

پهرين فيبروري 1999ع تي خيرپور مان تربت بلوچستان جي لاءِ روانا ٿيا. 9 فيبروري 1999ع تي رپورٽ ڪيائين. پهرين ڊسمبر 1997ع ۾ مووا وور 6 گريڊ مان 7 گريڊ ۾ ڪيو ويو. 4 نون 1999ع تي گروپ 7 ۾ سليڪشن گريڊ ڏنو ويو.

4 فيبروري تربت مان بدلي ڪيا ويا. 14 فيبروري 2000ع تي خيرپور ميرس رپورٽ ڪيائون. پهرين ڊسمبر 2000ع تي گروپ 8 ۾ مووا وور ڪيو ويو. بعد ۾ گروپ 7



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ فڪسيشن ڪِئي وئي. 18 آگسٽ 2001ع تي خيرپور مان بدلي ڪري لاهور ريڊيو اسٽيشن تي مقرر ڪيا ويا. 3 سيپٽمبر 2001ع تي لاهور ۾ رپورٽ ڪيائين. 18 مئي 2002ع تي لاهور کان بدلي ڪري خيرپور مقرر ڪيو ويو. 20 مئي 2002ع تي رپورٽ ڪيائين. 18 جون 2003ع تي پروگرام مئنيجر طور سنڌس ترقي ٿي. 30 جون 2003ع خيرپور مان رليو ٿي 13 جولائي 2004ع تي اسٽيشن ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ چارج ورتائين. تربت تان 10 آگسٽ 2005ع تي خيرپور ۾ پروگرام مئنيجر طور جوائن ڪيائين.

30 سيپٽمبر 2006ع تي اسٽيشن ڊائريڪٽر خيرپور ميرس چارج سنڀاليائين. 05 جون 2007ع تي خيرپور مان لاڙڪاڻو تي اسٽيشن ڊائريڪٽر مقرر ڪيا ويا. جتي 11 جون 2007ع تي رپورٽ ڪيائين. 25 جون 2007ع تي ڊپٽي ڪنٽرولر مقرر ڪيا ويا. 12 نومبر 2007ع تي لاڙڪاڻو مان خيرپور بدلي ٿيا. جتي 14 نومبر 2007ع کان هن وقت تائين بحيثيت اسٽيشن ڊائريڪٽر ڪم ڪري رهيا آهن.

ڪوثر ٻرڙو ننڍپڻ ۾ گلن جهڙا ٻارڙا جي سرگرمين ۾ حصو ورتو. ٻاراڻا ڪتاب پڙهڻ لڳو. بعد ۾ ادب ۾ دلچسپي وٺڻ سبب سنڌي ادبي سنگت شاخ شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس جو جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو. جڏهن ته مختلف موضوعن تي هلال پاڪستان ڪراچي ۾ سنڌس مضمون ڇپجڻ لڳا. هن افسانا، مقالا، ڪالم، تاثر پڻ لکيا. 1975ع ۾ ڪوثر ٻرڙو روزانو خادم وطن حيدرآباد 1976ع ڌاري روزانو آفتاب حيدرآباد 1977ع ڌاري روزانو عبرت 1981ع ۾ روزانو مهراڻ حيدرآباد عبرت مئگزين ۾ 1994ع ڌاري روزانو برسات ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1994ع ان کان علاوه روزانو سروائ حيدرآباد 1995ع ۾ روزانو عوامي آواز ڪراچي ۾ مضمون شائع ٿيل آهن.

1994ع ۾ هفتيوار سنڌو حيدرآباد 1994ع ۽ 1995ع ۾ ماهوار ادب حيدرآباد ان کان علاوه ريڊيو پبليڪيشن هالار حيدرآباد، امرتا حيدرآباد، نئون نياپور، سنڌ رنگ ۽ ٻين رسالن ۽ ڪتابن ۾ سنڌس مضمون شائع ٿيندا رهيا آهن.

2008ع ۾ روزانو ڪاوش، 2006ع ۾ روزانو نجات ۾ لکندا رهيا آهن. ان کان علاوه ڪوثر ٻرڙي مرتضيٰ شاهه ڏاڏاهي، مشتاق بخاري، ساجده جبين، امير ارباب، نسرين سيد، ياسر قاضي ۽ ٻين ليکڪن جي ڪتابن جا مهاڳ ۽ تاثرات لکيا آهن. ڪوثر ٻرڙي جيجي زرينا بلوچ، راشد مورائي، ذوالفقار سيال، سيد ماڪن شاهه رضوي، احمد خان مدهوش، عزيز ڪنگراڻي، غلام حسين رنگريز، گل ڪونتر، ادل سومرو، اياز گل، احسان دانش، نصير مرزا، ناهيد اختر، سرڪش سنڌي، قمر گل، زيب سنڌي، جاويد سوز هالائي، نثار بزمي، عنايت بلوچ، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ ۽ صنم ناز بابت مضمون لکيا آهن.

**ڪوثر ٻرڙو جا ڪتاب هن ريت ڇپيل آهن:**

جنوري 2000ع اوجاڳا ۽ خواب، جولائي 2002ع ۾ ياد گهر، مارچ 2004ع ۾ تنهن عشق کي شاباس، لوڪ داستانن ۽ ڪهاڻين تي ٻڌل ڪتاب، جنوري 2005ع ۾ تون منهنجو صنم آهين شاعري جو مجموعو، 2005ع ۾ امر راڳي امر گيت، سرمد سنڌي بابت ڪتاب. جون 2007ع ۾ فن ۽ فنڪار، فنڪارن جي انٽرويوز تي ٻڌل ڪتاب. اڏاڻا احساس، ريڊيو ڪمپيئرنگ، استاد منظور علي خان (فن ۽ شخصيت).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوثر ٻرڙو کي 1990ع ۾ خيرپور اجرڪ آرٽ ايوارڊ ۽ مٺي ۾ ٿر ايوارڊ ڏنو ويو. 1991ع ۾ ٽنڊو آدم ۾ سچل ايوارڊ، شهدادپور ۾ لطيف ايوارڊ، 1992ع ۾ نوابشاهه ۾ سنڌ ساهت سنگيت ايوارڊ، مٺي ۾ مراد فقير ايوارڊ، ٽنڊو جان محمد ۾ پراڻ ايوارڊ1، حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي ايوارڊ، پير صبغت الله شاهه راشدي ايوارڊ، 1993ع ۾ ملاسي ۾ ٻنائي ايوارڊ، حيدرآباد ۾ رحمت ايوارڊ براءِ حسن ڪارڪردگي، بدين ۾ رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي ايوارڊ، نوابشاهه ۾ حسن ڪارڪردگي ايوارڊ. 1994ع ۾ حيدرآباد ۾ ساقي ايوارڊ، ڦلجي اسٽيشن ۾ سنڌ فنڪار تنظيم طرفان ايوارڊ ڏنو ويو.

1995ع ۾ بدين ۾ شيخ محمد سومار ايوارڊ، بهترين پروڊيوسر جو ايوارڊ، ڦلجي اسٽيشن بهترين پروڊيوسر جو مڃتا ايوارڊ، بدين ۾ ايوارڊ بهتر حسن ڪارڪردگي. تلهار ۾ بهترين ريڊيو پروڊيوسر ايوارڊ، پنگريو ۾ محمد صديق مسافر ايوارڊ، ٽنڊو جام ۾ ساقي ايوارڊ، حيدرآباد ۾ بهترين پروڊيوسر ايوارڊ شيخ علي محمد ايوارڊ، 1997ع ۾ حيدرآباد ۾ پراڻ ايوارڊ نمبر 2، ڦلجي اسٽيشن لوچين سي لهن ايوارڊ، حيدرآباد ۾ مير آرٽ سرڪل ايوارڊ.

1998ع ۾ خيرپور ميرس ۾ شهيد محمد پريل سنگيت ايوارڊ بهترين ريڊيو پروڊيوسر ايوارڊ، ڦلجي اسٽيشن بهترين ريڊيو پروڊيوسر ايوارڊ، نوابشاهه ۾ الجهاد ايوارڊ، 1999ع ۾ خيرپور ميرس ۾ بهترين پروڊيوسر ايوارڊ 2000ع ۾ نوابشاهه ۾ فقير محمد لاشاري ايوارڊ، ايچ ايم خواجه ايوارڊ 2000ع ۾ خيرپور ميرس سرمد سنڌي يادگار ايوارڊ، 2004ع حيدرآباد ۾ ماڻڪ موتي تنظيم طرفان بهترين پروڊيوسر ايوارڊ، 2008ع ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيرپور ميرس صاحب ڪتاب ايوارڊ، 206ع ۾ پير وسڻ ۾ ايوارڊ حسن ڪارڪردگي، حيدرآباد ۾ پهريون سرمد سنڌي ايوارڊ. 2007ع حيدرآباد ۾ پهريون سرمد سنڌي ايوارڊ، 2007ع خيرپور ۾ باراڻي ادب بابت ايوارڊ ڏنو ويو.

ان کان علاوه حسن ڪارڪردگي تي روشن دنيا ٻالڪ سنگت رُڪ، ماهوار هالار ۽ سنڌ رنگ، سنڌ لائنز ڪلب حيدرآباد، سنڌي اسپيڪرس فورم، ڳوٺ سڌار سنگت، ٽنڊو ڪولاچي، ماس ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو کان علاوه ٻين ادارن کان تعريفي سرٽيفڪيٽ مليا آهن.

ڪوثر ٻرڙو ينگ رائٽرس گلڊ سنڌ ضلعي خيرپور جو آرگنائيزر رهڻ کان علاوه سنڌي اسپيڪرس فورم سنڌ جو سيڪريٽري جنرل پڻ رهي چڪو آهي. پروڊيوسر ايسوسيئيشن پاڪستان براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن ڪراچيءَ جو نائب صدر، ٻرڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن سنڌ جو مرڪزي پريس سيڪريٽري، سنڌي ادبي سنگت سنڌ ڪائونسل جو ميمبر. سگا جو ميمبر، هيڪار سلسلي ڏکڻ ضلعي شڪارپور جو ايڊيٽر ميمبر ايڊيٽوريل بورڊ، ڏاڏا شاهه پبليڪيشن خيرپور ۽ سرپرست اعليٰ سڳنڌ ولیج ڊيولپمينٽ ايسوسيئيشن جاني ٻرڙو کان علاوه ٻين تنظيمن سان لاڳاپيل آهي.

ڪوثر ٻرڙو سان سنڌي ادبي سنگت سهڪجي شڪارپور پاران 1999ع جڏهن ته سڄاڻ سماجي سنت پنهواري پنو عاقل 2001ع ۾ المدد سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن پليو لونگ 2003ع ۾ ٻيرل قمبر ادبي سنگت شهدادڪوٽ پاران 2009ع ۾ شامون ۽ رهاڻيون ملهايون ويون. جڏهن ته 2008ع ۾ عمريءَ جي سعادت نصيب ٿي اٿن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### اسٽيشن ڊائريڪٽر، ايف ايم پٽ شاهه

# مختيار ملڪ

مختيار حسين 21 ڊسمبر 1959ع تي شفيع محمد ملڪ جي گهر خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم خيرپور مان حاصل ڪئي. ميٽرڪ ناز هاءِ اسڪول خيرپور مان، انٽر ۽ بي اي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پاس ڪرڻ بعد ايم اي جرنلزم ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان فرسٽ ڪلاس فرسٽ ۾ پاس ڪرڻ بعد گولڊ ميڊل پڻ حاصل ڪيائين.

1986ع ۾ ريڊيو پاڪستان خيرپور جو پروڊيوسر مقرر ٿيو. راولپنڊي حيدرآباد کان پوءِ سينئر پروڊيوسر ٿيڻ بعد هن وقت ريڊيو پاڪستان پٽ شاهه تي اسٽيشن ڊائريڪٽر آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو ٽم ٽم ٽانڊاڻ 1980ع ۾ شايع ٿيو. سنڌالاجي طرفان ڪيس ٻارن جو بهترين ڪتاب لکڻ تي ايوارڊ ڏنو ويو. اماس ۾ ٻه سوجهرو شاعري جو مجموعو ڇپيو آهي. سچ سچل ۾ تحقيقي مقالو شائع ٿيو اٿس.

پاڻ 1999ع کان 2000ع تائين سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل رهي چڪو آهي. ڪيس ايڪسيلينس ايوارڊ ريڊيو طرفان پڻ مليو آهي. پنر ملن نثري نظم جو مجموعو شائع ٿيو. پاڻ اطلاعات کاتي سنڌ جا ملازم رهي چڪا آهن. سنڌ جي وڏي وزير ارباب غلام رحيم جا پريس ترجمان پڻ رهي چڪا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محمد علي ٻگهيو مرحوم

محمد علي ٻگهيو 14 جولائي 1947ع تي مراد علي ٻگهيو جي گهر باڊهه شهر تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم باڊهه مان حاصل ڪئي. ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪري مان، انٽر آرٽس ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪري حيدرآباد منتقل ٿي ويو. بي اي ڪامرس ڪاليج حيدرآباد مان ڪرڻ بعد لائيو اسٽاڪ کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. جڏهن ته شام جو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ڪمپيئرنگ ڪرڻ لڳو.

ريڊيو پاڪستان ۽ پي ٽي وي جي ڪيترن ناٽڪن ۾ اداڪاري ڪرڻ، نمبر اول جي ۾ بهترين اداڪاري جو مظاهرو ڪيائين. هن 1980ع کان 1988ع تائين سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڪچهرين ۾ ڪمپيئرنگ ڪئي. 1985ع ۾ عام چونڊن دوران اسلام آباد مان نتيجن جو اعلان ڪيائين.

31 ڊسمبر 1987ع تي ريڊيو پاڪستان اسلام آباد ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي نمائندگي ڪيائين. 2 کان 4 فيبروري 1988ع تي ٽن ڏينهن واري بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ڪمپيئرنگ ڪيائين.

مئي 1988ع ۾ فالج جو حملو ٿيو. ڏهه سال بيمار رهڻ بعد 25 آگسٽ 1998ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس پاڻ ۽ ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو ۽ اعجاز سندس پٽن مان سوڳوار ڇڏيائين.

مارو جي ملير ڪتاب تان ورتل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عبدالحق ابڙو

عبدالحق ابڙو پهرين جنوري 1937ع تي محمد خان ابڙو جي گهر حيدرآباد ۾ جنم ورتو.

هن ابتدائي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪئي. 1966ع ۾ ايم اي سنڌي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪرڻ بعد اسٽيج، ريڊيو، ٽي وي ۽ فلم ۾ مزاحيه ڪردار ادا ڪيائين. هو پاڻ موسيقي جو ۽ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو پارکو هو. پاڻ تلڪ چاڙهي وٽ پيٽرول پمپ وٽ رهائش رکندو هو.

عبدالحق ابڙو صاحب 1960ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ملازمت اختيار ڪئي. ان وقت ريڊيو اسٽيشن پراڻي بلڊنگ هوم اسٽيڊ هال تي واقع هو. هن 1950ع ۾ اسٽيج ناٽڪ پرچم اسلام ۾ ڪم ڪيو. ڪنجوس ۽ دادلو اسٽيج ناٽڪ تحرير ڪيائين. 1965ع ۾ ريڊيو تان جام جم ۾ ڀارت جي وزير اعظم لال بهادر شاستري جو ڪردار ادا ڪيائين.

فتح خان جي ڳوناٺي ڪچهري ۾ 40 سال جاٽڻ خان جو ڪردار ادا ڪيائين. هن پي ٽي وي تي ناٽڪ زينت، دانا ديوانه ۾ ڪم ڪيو. هن سنڌي فلم گهونگهٽ لاهه ڪنوار، رنگ محل، بادل، محبوب مٺا، بادل ۽ برسات، سنڌڙي تان صدقي ۾ ڪم ڪيو. ڪيس ڪيترائي ايوارڊ ۽ ميڊل ۽ تمغه امتياز ۽ لطيف ايوارڊ سنڌي ناٽڪن جي سئو سالا جشن تي گولڊ ميڊل ايوارڊ 1980ع ۾ علي زيب انٽرنيشنل ايوارڊ 1987ع ۾ مليا. عبدالحق ابڙو 06 ڊسمبر 2000ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. ڪيس روزانو آفتاب حيدرآباد جي ايڊيٽر علي محمد شيخ سان نيازمندي هوندي ساڻس اڪثر ملاقات اتي رهندي هئي.

مارو جي مليرجا ڪتاب تان ورتل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محمد بخش دائودپوٽو

سنڌ جي قديم گادي واري هنڌ حيدرآباد جي مُختلف اديبن شاعرن فنڪارن سان ملاقاتون ٿينديون رهينديون آهن. انهن مان ٻارين جي ادب جي جاکوڙ ڪندڙ اديب شاعر اسرار شام، آسي محمد زميني، ڪي ٿي اين جو بادشاهه محمد بخش دائودپوٽو ۽ سليم چنا ۽ زوار نقوي شامل آهن.

سنڌ جي تاريخي شهر نصرپور سان تعلق رکندڙ اڌ صدي جو شاهد ريڊيو پاڪستان جي صداڪار محمد بخش دائودپوٽي جو ورتل انٽرويو اوهان آڏو رکجي ٿو:

محمد بخش دائودپوٽي 03 آگسٽ 1949ع تي پير ڏني دائودپوٽي جي گهر ڪاهي روڊ حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ سنڌي پرائمري اسڪول قاضي عبدالقيوم سخي پير نزد ميمڻ پاڙو حيدرآباد مان حاصل ڪئي. جڏهن ته ميٽرڪ جو امتحان نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان 1966ع ۾ پاس ڪري، انٽرميڊئيٽ 1968ع ڏاري مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. بي اي سچل سرمست آرٽس ڪاليج مان 1970ع ڌاري ايم اي معاشيات سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پاس ڪئي.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي بحيثيت فنڪار 1967ع ڌاري ناٽڪ ڪيا. 1967ع کان فتح خان جي ڪچهري ۾ ڪمدار جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

ان کان علاوه هن او بي ۾ پڻ ڊيوٽي ڪئي آهي. خبرون پڙهيون، ڪمپئرنگ ڪئي. 1992ع کان بيورو آف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريڪيولم ڄامشورو ۾ بحيثيت اسپيشل ٽيچر مقرر رهيو.
محمد بخش دائودپوٽي ايم اي اڪنامڪس، بي ايڊ، ايم ايڊ اسپيشل ايڊيوڪيشن، پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما ڪمپيوٽر سائنس سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان پاس ڪئي آهي.

ان کان علاوه گورنمينٽ سروس سينٽر آف بلائنڊ جي او آر ڪالوني حيدرآباد مان 18 گريڊ مان تازو رٽائرمينٽ حاصل ڪئي اٿس. جتي هو معذور ٻارن کي تعليم ڏيندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منا خان زرداري

منا خان زرداري 1920ع ۾ پريتم آباد تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول پريتم آباد مان حاصل ڪئي. جڏهن تہ سيڪنڊري تعليم وزيرآباد مان بعد ۾ مدرسہ هاءِ اسڪول نوشهروفيروز مان ميٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان 1942ع ۾ پاس ڪيائين.

سپ ڪان پهريائين نوابشاهہ ايئرپورٽ تي سرڪاري نوڪري حاصل ڪيائين. سيپٽمبر 1942ع ۾ سپرنٽنڊنٽ آف پوليس ميرپورخاص جي آفيس ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو. جتان ترقي ڪندي 1970ع ۾ سپرنٽنڊنٽ جي عهدي تي پهتو ۽ 1980ع ۾ رٽائرمينٽ حاصل ڪيائين. محمد رمضان زرداري اسسٽنٽ ڊائريڪٽر تعليم ڪاتو حيدرآباد ۽ رانجهو خان زرداري سندس پاٽنيا آهن. ڊاڪٽر منير احمد ۽ رشيد احمد زرداري ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو الهيار سندس پاٽنيا آهن. منا خان 1980ع ۾ رٽائرمينٽ حاصل ڪئي. پاڻ گهڙي وڄائڻ جو ماهر هو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان سندس پروگرام نشر ٿيندا هئا.

منا خان 1956ع کان ريڊيو پاڪستان ۽ 1987ع کان پي ٽي وي ڪراچي سينٽر تان پروگرام ڪيا. 1960ع ۾ نيپال جي بادشاهہ شاهہ مهندار جي پاڪستان آمد تي هن لاهور 1989ع ۾ ڪيس صدارتي ايوارڊ تمغئہ حسن ڪارڪردگي ۽ شاهہ لطيف ايوارڊ ۽ ثقافت کاتي طرفان 500 روپيا ماهوار وظيفو ملندو رهيو. سندس پروگرام بي بي سي لنڊن تان پڻ نشر ٿي چڪا آهن.

صدر ايوب خان آڏو فن جو مظاهرو ڪيو. منا خان آمريڪا، اولهہ جرمني، انگلينڊ، فرانس، اٽلي، ترڪي، چين، ڪوريا، سئيڊن ۽ ڊينمارڪ ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زيب عاقلي مرحوم

زيب عاقلي پهرين آڪٽوبر 1920ع تي ڳوٺ عاقل ضلعي لاڙڪاڻي ۾ مولوي محمد عاقل عاقلي سومرو جي گهر ۾ جنم ورتو. هن لاڙڪاڻي مدرسي هاءِ اسڪول مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري انگريزي فارسي جو علم حاصل ڪيائين. 30 جون 1962ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو اسٽاف آرٽسٽ مقرر ٿيو. 1973ع ۾ پروڊيوسر ۽ 10 جون 1974ع تي سينئر پروڊيوسر مقرر ڪيو ويو.

1965ع ڌاري هن پاڪستان ۽ ڀارت جي ويڙهه دوران بهترين قومي پروگرام نشر ڪيا. ناٽڪ منڊلي روزانو پيش ڪندو هو. سنڌس ناٽڪ گيتن پريون ڪهاڻيون فيچر تقريرون ريڊيو جي ٻڌندڙن کي پسند هيون. زيب عاقلي هڪ سٺو شاعر پڻ هو. 21 مئي 1991ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. زيب عاقلي، ذوالفقار علي ڀٽو وزير اعظم جو ريڊيو بابت پڻ صلاحڪار هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# الاهي بخش ٻانيڻ

الاهي بخش ٻانيڻ پهرين جون 1959ع تي ڳوٺ مير واهه تعلقي ٺري ميرواهه ضلعي خيرپور ميرس ۾ جنم ورتو.

هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ميرواري تعلقو ٺري ميرواهه ضلعي خيرپور کان 6 کان 8 ڪلاس گورنمينٽ مڊل اسڪول ٽنڊو ميرالي، ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول محرابپور مان 1975ع ڌاري پاس ڪئي.

انٽر گورنمينٽ ڪاليج راڻيپور مان، بي اي آنرس 1980ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان ۽ ايم اي بين الاقوامي تعلقات ۾ پاس ڪئي.

1983ع ۾ پروڊيوسر ريڊيو پاڪستان تي مقرر ڪيو ويو. پاڻ هڪ بهترين ڪمپيئر، براڊ ڪاسٽر ۽ ليکڪ آهي. هن پهرين اپريل 1984ع ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي مقرر ڪيو ويو. 1991ع ۾ سينئر پروڊيوسر ڪري خيرپور ميرس ۾ رکيو ويو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ترقي ڪري پروگرام مئنيجر مقرر ڪيو ويو. هن وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ آهي.

هن ريڊيو تي معلوماتي پروگرام لوچين سي لهن، چٽا پيٽي جي ٻين پروگرامن کي بام عروج تي پهچايو. هن ريڊيو ٻڌندڙن جي دلچسپي جا ٻيا ڪيترائي پروگرام پيش ڪيا. هن مختلف شهرن، ڳوٺن، ماڳن، مڪانن جو ريڊيو تي تعارف پيش ڪيو. الاهي بخش ٻانيڻ کي الله تعاليٰ هڪ خوبصورت آواز عطا ڪيو آهي. هن عبرت، آفتاب حيدرآباد، هلال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ڪراچي، روزانو مهراڻ حيدرآباد ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيو ويو. سندس ڪتاب ”ڪانون جي ڳالهه“ ٻارن لاءِ لکيل آڪاٽيون آهن. الاهي بخش ٻانيڻ هڪ باوقار شخصيت، ڪل مک ۽ سهڻي طبيعت جو خوش اخلاق انسان آهي. ان ڪري دوستن ۽ ٻڌندڙن ۾ هن جي وڏي عزت آهي.

1988ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو طرفان ٻين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ هن بهترين ڪوريج ڏني. ڪيس سڳا بدين طرفان خليفو عبدالله ايوارڊ ڏنو ويو. سنڌ فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ لاڙڪاڻي طرفان بهترين پروڊيوسر جو ايوارڊ ڏنو ويو. مهراڻ معلوماتي انجمن سنڌ طرفان ڦلجي اسٽيشن طرفان ڪيس بهترين پروڊيوسر جو ايوارڊ ڏنو ويو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي 1995ع تي ٿيل سالگرهه تي ڪيس ٻارن جو پروگرام پيش ڪندڙ بهترين پروڊيوسر جو ايوارڊ ڏنو ويو. مهراڻ موج سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن بدين پاران ڪيس ايوارڊ ڏنو ويو.

هن جي شادي خانه آبادي سنڌ يونيورسٽي جي پبلڪ رليشنس آفيسر شميم سومرو سان ٿيل آهي.

(مارو جي ملير جا ڪتاب تان ورتل).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نصير مرزا

نصير مرزا 20 جولائي 1955ع تي ناصر علي مرزا جي گهر ٽنڊو نور هو مرزا پاڙو قليلي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد فارمين جي پرئڪٽسنگ اسڪول جي پرائمري سيڪشن مان حاصل ڪئي. مانٽيسوري ۾ 1961ع ڌاري داخل ڪيا ويا ۽ وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي. ان وقت ۾ سندس استادن ۾ عبدالمجيد ميمڻ، سي ڪان وڌيڪ نور چشم ٻڌايو. اهو استاد محمد يعقوب منگي ٽنڊو ولي محمد وارو جيڪو ترڪي ٽوپي ڦنڊڻ واري پائيندو هو. وڌيڪ تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول ماڊل پٽي قليلي حيدرآباد ۾ اٺين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪئي. جتي استاد نيڪ محمد شاهه عرف نثار حسيني اڻ گهڙيل ڪاٺ کي پارکو نگاهن سان پرکيو ۽ هڪ روپ ڏنو. ميٽرڪ فرسٽ ۾ پاس ڪيائين. 1972-73ع ۾ مسلم هاءِ اسڪول ڪلاٿ مارڪيٽ مان ميٽرڪ پاس ڪئي. 1973-74ع ۾ مسلم سائنس ڪاليج پري ميڊيڪل ۾ انٽرميڊيئيٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي. ان وقت ۾ سائين عبدالحق عالماڻي کهاٽيڪار، سائين گل محمد پٽي فزڪس جو استاد، نصير مرزا جا آئيڊيل استاد هئا. جڏهن ته بي اي سچل سرمست آرٽس ڪاليج تلڪ چاڙهي حيدرآباد مان پاس ڪرڻ بعد سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ايم اي سنڌي ۽ ايم اي صحافت جو امتحان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين. ان سلسلي ۾ محمد ابراهيم جويو جي مدد سان سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا ملي ۽ ان وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو وائيس چانسلر شيخ اياز سان مون کي محبت ڏني.

پاڪستان نيشنل سينٽر جي ڊائريڪٽر جوهر حسين زيدي جو فرزند پروفيسر قرار حسين ۽ سائين خان محمد پنهور نصير مرزا جا محبوب استاد هئا. مرزا قليچ بيگ جي فرزند مرزا اسد بيگ چاچي ڪيس نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد استاد جو آرڊر وٺي ڏنو، جنهن ڪري معاشي طور تي ڪابہ تڪليف ڪانہ تي ۽ سولائيءَ سان نصير مرزا پڙهندو رهيو. نصير ٻارن جي رسالي روشن تارا ۾ شاعري شروع ڪئي. جيڪا عبدالواحد آريسر جي رسالي پيغام ۾ شائع ٿيو. نصير مرزا ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي 1983ع کان بحيثيت پروڊيوسر بعد سينئر پروڊيوسر پروگرام، مئنيجر ۽ هن وقت 2008ع کان اسٽيشن ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي عهدي تي پنهنجا فرائض انجام ڏئي رهيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محمد انور هڪڙو

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد هڪ تاريخي ۽ يادگار ادارو آهي. منهنجي هن اداري سان 56 سالن کان وابستگي آهي. انهيءَ ۾ ڪيترائي محبوب دل گهريا سڄڻ مليا. جن مان ڪيترا اسان کان جدا ٿي ويا. سائين علي محمد چاڳلا، ايم بي انصاري، الياس عشقي، ابراهيم شيخ، الهه بخش شاهه بخاري، پير اسحاق جان سرهندي، سڪندر بلوچ، انور بلوچ، سرور بلوچ، نعيم مرزا، محمد خان لغاري جهڙن سڄڻن کي ڪو ڪنور دل انسان هوندو، جيڪو وساريندو. انهيءَ قافلي ۾ پيارو محمد انور هڪڙو به هو. جيڪو به محفلن جو مور ۽ ڪچهريءَ جو سينگار هوندو هو. سندس آفيس ۾ وجبو هو ته اٽي بيهي هٿ به ڏيندو هو ۽ هو .ڪونه ڪو اهڙو جملو چوندو هو جو بي ساخته ٽهڪ ڏبو هو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو هڪ محنتي آفيسر جي حيثيت پروڊيوسر ۽ پروگرام مئنيجر ٿي رهيو. مختلف پروگرام ڪيائين. ڊرامو سندس پسنديده موضوع هو. سندس آفيس ۾ هر وقت ادار موجود هوندا هئا. جن سان ڊرامن متعلق پئي گفتگو ٿيندي هئي. ”مٺي“ ۾ ريڊيو اسٽيشن قائم ٿي ته انور هڪڙي کي ان جو اسٽيشن ڊائريڪٽر بنايائون. جنهن وڏي محنت ۽ ڪوشش ۾ مضبوط بنيادن تي ريڊيو جي پروگرامن کي ترتيب ڏنو. جيڪي اڄ تائين نشر ٿين ٿا.

بيماريءَ جي حالت ۾ به روزانو آفيس ايندو هو. چوندو هو ته يار دلبر دوستن جي ڪچهري کي ڇڏي گهر ۾ ويهي رهڻ ۾ ڪهڙو فائدو. انور هڪڙو سان جيڪو به شخص هڪ ڀيرو مليو ته اهو سندس اخلاق، مروت، قربائتي گفتگو جو مداح ٿي باهر نڪرندو هو. منهنجو تعلق ته سالن جا سال رهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جبران انجم

جيران انجم ولد عبدالرؤف قريشي 13 آڪٽوبر 1950ع تي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم ميمڻ انجمن هاءِ اسڪول سري گهاٽ حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. 1965ع ۾ ميٽرڪ ، انٽر ڪامرس سٽي ڪاليج حيدرآباد مان 1967ع بي اي آنرز آرٽس سٽي ڪاليج حيدرآباد مان 1969ع ۾ پاس ڪيائين. 1957ع کان اسٽيج تي ڪم ڪري رهيو آهي. ريڊيو پاڪستان تي 1965ع کان بحيثيت صداڪار جي حصو وٺي رهيو آهي. ٻه هزار ناٽڪ ريڊيو تي ڪري چڪو آهي. پي ٽي وي ڪراچي عبدالڪريم بلوچ 1964ع مختلف پروگرامن ۾ حصو ورتو. اردو فلم آسرا، ڊائريڪٽر رضا مير محمد علي جو ننڍپڻ جو ڪردار ادا ڪيو. سنڌي فلم پلاند ۾ نادر بلوچ سان ڪم ڪيو. چوٿين يهي زندگي هي ۾ اچي رهيو آهي. انڊس ٽي وي ڪراچي ان داتا ناٽڪ اچي رهيو آهي. هن وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اردو جو ڪاپيئيسٽءِ صداڪار آهي. منهنجو پيغام آهي جيستائين پهچي.

جبران انجم
0333-2637193



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# استاد بني خان

هندوستان ۾ راڳ جي ڄاڻ رکندڙ برهمڻ هئا، جيڪي اڪبر بادشاهه جي دور حڪومت ۾ مذهب بدلائي مسلمان ٿيا. تان سين جو خاندان انهن مسلمانن ۾ شامل آهي. جيڪي ان دربار سان لاڳاپيل رهيا. انهن راڳين مان هڪ راڳي جي شادي اڪبر بادشاهه جي ڀاڻيجي سان ٿي ۽ اهي مغل جو اولاد هجڻ سبب مغل سڏجڻ لڳا. استاد بني خان انهن مان آهي. اورنگزيب بادشاهه جي وقت ۾ موسيقي جو زوال پيدا ٿيو ته اهي راڳي هندوستان جي مختلف رياستن جي راجائن وٽ رهڻ لڳا ۽ انهن جي اهي سرپرستي ڪرڻ لڳا.

استاد بني خان کي هڪ سئو سڪا ان وقت جي هڪ لک روپين جي برابر انعام ۾ رقم ڏني وئي ته اها رقم هن ڀارت ۾ هڪ مسجد نهرائڻ ۾ خرچ ڪري هڪ چڱو ڪم ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# علي محمد پنهور

علي محمد پنهور، پنهور خاندان جي غريب، غريب پرور، پنهنجي پورهئي سان وڏو مقام حاصل ڪيو. 1952-53ع ڌاري رضاڪارانه طور تي سنڌ اسيمبلي ڪراچي مان رٽائرمينٽ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي مان هڪ ئي وقت هفتيوار اخبار حمايت حق ۽ انگريزي اخبار اسٽيٽ سرونٽ رياست جو ملازم جاري ڪيائون. حيدرآباد ۾ فضل پرنٽنگ پريس، محمدو ليٿو پريس ۽ اسٽيٽ سرونٽ پريس سکر مان اخبارون جاري ڪيائون.

اليڪشن دوران سڄي پاڪستان جون ووٽر لسٽون ڇپائڻ جو ٺيڪو ڪنيائون. سنڌي شارٽ هئنڊ جو ڪتاب تحرير ڪيائون. سنڌي اردو ٽيچر جو ڪتاب تيار ڪيائون. هن وقت پاڻ هن جهان ۾ ناهن، پر سنڌن يادگيريون اوهان جي چاڻ جي آڏو رکجن ٿيون.

ان وقت جي گورنر جنرل ملڪ غلام محمد جنهن تاج برطانيه جي نالي ۾ ون يونٽ جو حڪم نامو جاري ڪيو، بابت پنهنجي اخبار ۾ سرخي ڏنائون. ملڪ غلام محمد ملڪ جو غدار آهي، ان ڪري هن کي ڦاسي تي چاڙهيو وڃي. جنهن سبب سنڌس خلاف ڪيترائي ڪيس داخل ڪيا ويا. ان کان علاوه بابا جي هڪ دوست ميان نور محمد پنهور واقعو بيان ڪندي ٻڌايو ته تنهنجي والد صاحب پير علي محمد شاهه راشدي جي مقابلي ۾ خيرپور ۾ اسيمبليءَ جي چونڊ ۾ بيهڻ لاءِ فارم ڀرايو. اڻ سڌي طرح سان ڪيس چيو ويو ته اوهان هٿ کڻي وڃو تاڪه علي محمد شاهه راشدي بنا مقابلي چونڊجي وڃي. ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ميرس کي ان وقت جي وزيراعظم خواجه ناظم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الدين حڪم ڏنو تہ علي محمد پٽي جو فارم رد ڪيو وڃي، ان جي شڪايت قومي اسيمبلي جي اسپيڪر مولوي تميزالدين کي ڪئي وئي، جنهن تحقيقات ڪئي تہ علي محمد پٽو جي شڪايت درست ثابت ٿي.

ان وقت جي وزيراعظم ڊپٽي ڪمشنر خيرپور کي حڪم ڏنو تہ علي محمد پٽو جو نامينيشن فارم رد ڪري. پير علي محمد شاهہ راشدي کي بنا مقابلي ميمبر چونڊڻ جو اعلان ڪيو وڃي. ڌانڌلي جو سلسلو ان وقت جي حڪمران جماعت مسلم ليگ طرفان جاري ڪيو ويو هو. جنهن ڪان پوءِ ملڪ غلام محمد گورنر جنرل پاڪستان خواجہ ناظم الدين کي سندس عهدي تان برخواست ڪري ڇڏيو.

ذوالفقار علي پٽو جنهن وقت پرڏيهي وزير هو اولهہ پاڪستان اسيمبلي لاهور ۾ اجلاس جي ڪاروائي ڏسڻ ايندا هئا تہ پنهنجي بزرگ علي محمد پٽو، سان گورنر گئلري ۾ اسيمبلي ڪاروائي هلڻ دوران، تاريخ، قانون ۽ ٻين مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي هئي.

رٽائرڊ ايئرمارشل اصغر خان جڏهن جسٽس پارٽي جو بنياد رکيو تہ هن علي محمد پٽو کي گذارش ڪئي هئي تہ جسٽس پارٽي جو آئين ٺاهي ڏنو وڃي. علي محمد پٽو جنهن وقت ۾ قائد ڪمرشل ڪاليج خيرپور ميرس ۾ قائم ڪيو تہ ذوالفقار علي پٽو پ پ خيرپور جي اڳواڻن کي هدايت ڪئي هئي تہ علي محمد پٽو کي پيپلز پارٽي ضلعي خيرپور ميرس جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ ڪيس قانون بابت سياست بابت وڏي ڄاڻ آهي. پر علي محمد پٽو غلام رسول صديقي کي چيو تہ مان في الحال عملي سياست ۾ اچڻ نٿو چاهيان، ڇاڪاڻ تہ مان باقاعدگي سان هڪ تعليمي ادارو هلائي رهيو آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زوار نظر حسين بلوچ

زوار نظر حسين بلوچ 23 سيپٽمبر 1943ع تي الهڏنو خان بلوچ جي گهر جهول ضلعي سانگهڙ ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول جهول، ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول سانگهڙ ۽ انٽر گورنمينٽ ڪاليج سانگهڙ مان پاس ڪرڻ بعد سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد مان بي اي ڪيائين.

هن جوبلي انشورنس ڪمپنيءَ حيدرآباد ۾ بحيثيت سيلز مين جي نوڪري جي ابتدا ڪئي. هفتيوار "هلچل" حيدرآباد ۾ بحيثيت ايڊيٽر جي 1979ع تائين ڪم ڪيو. زوار نظر حسين بلوچ 1964ع کان لکڻ جو آغاز ڪيو. ڪتابي سلسلو "گونج" پاران پاراٽو رسالو شائع ڪيو زينت پرنٽنگ پريس ڪوڪر محلو حيدرآباد خريد ڪري ڪيترائي ڪتاب شائع ڪيا. 1980-81ع ۾ روزانو عبرت حيدرآباد ۾ ڪالم ايندي ويندي جي نالي سان لکيا. 1980-81ع ڌاري روزانو ڪائنات ڪراچي، 1988ع ۾ وڳوڙن ۾ ڪتابي سلسلو ۽ ڪتاب شائع ڪيا. روزانو امت ڪراچي ۾، 1999ع کان 2000ع تائين رنگ جي نالي سان ڪالم ڇپيا.

هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ مزاحيه پروگرام، ناٽڪ لکيا. فتح خان جي ڪچهري کان علاوه مذهبي پروگرام پروڊيوسر انور بلوچ، نعيم بخاري سان گڏ ڪم ڪرڻ کان علاوه روزانو سچ ڪراچي جا ڊائريڪٽر پبلڪ رليشنس رهيا. ان وقت آغا سليم اخبار جو ايڊيٽر هو.

زوار نظر حسين بلوچ جديد وتايو فقير ۽ بيا ڪيترائي ڪتاب تحرير ڪيا آهن. 1999ع ڌاري ايران ۽ ڪربلا معليٰ جو سفر ڪيو آهي. هن وقت آمريڪي لائيف انشورنس ڪمپني سنڌ جا سربراهه آهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محمد خان غني

محمد خان غني 02 مارچ 1902ع تي ٽکڙ شريف لڳ ٽنڊو محمد خان ضلعي حيدرآباد ۾ قاضي محمد دائود ميمڻ جي گھر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم حافظ عبدالله ميمڻ جي مدرسي ۾ قرآن مجيد ۽ فارسي ۾ حاصل ڪيائون. ان کان علاوه شاعري ۾ سندس استاد بسمل هو. بعد ۾ لوڪل بورڊ پرائمري اسڪول ۾ پڙهيا. 1916ع ڌاري سنڌي فائنل پاس ڪري حيدرآباد شهر ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيا. بعد ۾ 1922ع تپيداري اسڪول ۾ ڪورس ڪرڻ بعد 1923ع ۾ تپيداري جو امتحان پاس ڪيائون. 1924ع ڌاري سنڌس چاچي محمد هاشم مخلص جي وفات بعد مسلمان اخبار جي ادارت سنڀالي اخبار کي جاري رکيائون. مسلمان اخبار پاڪستان ٺهڻ کان اڳي وڏو جهاد ڪيو هو. محمد خان غني 12 سالن جي ڄمار ۾ شاعري جو آغاز ڪيو. هن هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي. 1950ع ڌاري ڪافيون، غزل ۽ ڏوهيڙا تحرير ڪيائون. محمد خان غني نثر نويسي تي طبع آزمائي ڪندي مسلمان اخبار ۾ مزاحيه مضمون ”علامه ڪڙپي“ جي عنوان سان تحرير ڪيا.

محمد خان غني روزانو ”نواءِ سنڌ“ جو پڻ ايڊيٽر رهي چڪو آهي. ڪجهه عرصو سنڌي ادبي بورڊ ۾ پڻ ملازمت اختيار ڪيائون.

1957ع کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي لاءِ مختلف اسڪرپٽ تحرير ڪيائون. سنڌس گيت، غزلون، تقريرون، تبصرا ۽ ناٽڪ پڻ ريڊيو تي نشر ٿيڻ لڳا. جمهور جو آواز، فتح خان جي ڪچهري پڻ تحرير ڪندا هئا. ريڊيو پاڪستان جي لاءِ صبح کان وٺي شام تائين پروگرام لکندا رهندا هئا. مختصر نوٽس تي هر قسم جي موضوع تي ريڊيو لاءِ اسڪرپٽ لکندا هئا. محمد خان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غني جي ڏوهيٽن تي ٻڌل شاعري جو ڪتاب ”بادل ۽ بوندون“ شايع ٿيو. محمد خان غني نہ فقط پاڪستان پر ننڍي ڪنڊ ۾ پسند ڪيو ويندو هو. ڪيس بمبئي، ڪلڪتي، لکنو، شملا، دار جنگ، آگري ۽ دهلي جي مشاعرن ۾ گهرايو ويندو هو.

ڪيترن ادارن مڃتا طور ڪيس انعام ڏنا. حرن جي روحاني پيشوا حضرت پير صاحب پاڳارا ڪيس پڻ انعام سان نوازيو هو. مرحوم محمد خان غني سان منهنجي پهرين ملاقات خيرپور ميرس ۾ اسان جي منشي محلي ۾ واقع جاءِ تي ٿي، جڏهن بابا سائين وٽ مهمان جي حيثيت ۾ ملڻ آيو هو. شايد اهو 1966ع جو سال هو. جڏهن مان پڙهندو هئس. ان بعد جڏهن اسان حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي تہ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد وڃڻ ٿيندو هو تہ چاچا سان پڻ ملاقات ٿيندي هئي. سندس ڪمري ۾ منظور حسين نقوي، مظفر حسين جوش ويهندا هئا. اتي ادبي موضوعن تي ڪچهريون ۽ چاڻ حاصل ٿيندي هئي. مون ڪي نثر لکڻ بابت سائين محمد خان غني چاڻ ڏني ۽ اتساهہ پيدا ڪيو. ان وقت پاڻ ڪاهي روڊ تي رهندا هئا. مرحوم جي محمد عثمان ڏيپلائي سان سنگت هوندي هئي. ريڊيو پاڪستان تان روانگي بعد ڪجهہ گهڙيون قرآن پريس نزد زنانہ اسپتال حيدرآباد وٽ ويهندو هو. منهنجي ساڻس اتي بہ ملاقات رهندي هئي.

مرحوم 60 سالن بعد رٽائرمينٽ ورتي. سندس علمي ادبي خدمات کي ڏسندي سنڌ ثقافت کاتي سندس وظيفو جاري ڪيو. مرحوم تي فالج جو حملو ٿيو. 66 سالن جي ڄمار ۾ پهرين مارچ 1979ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. ڪيس سرفراز شاهہ ڪلهوڙو پرسان دفنايو ويو. مرحوم جي پونيئرن مان هڪ بيواهہ، ٽي پٽ محمد دائود ميمڻ، مقبول ميمڻ مختيارڪار روينيو کاتو ۽ ٽي نياڻيون جن مان هڪ ٽيچر آهي. هڪ محترم سرفراز راڄڙ جي گهر ۾ آهي، سوڳوار ڇڏيا آهن. خدا تعاليٰ ڪيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي. آمين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رشيد صابر

سائين عبدالرشيد صابر مينڌري جنوري 1945ع ۾ جاتي جي ڳوٺ مٽڪي متارو مينڊرو ضلعي ٺٽي ۾ ميان عبدالله مينڌري جي گهر ۾ جنم ورتو. ان وقت اهو علائقو ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جي انتظام هيٺ هوندو هو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مدرسه الفيض مان قرآن، حديث ۽ فقه جي تعليم حاصل ڪئي، سندس وڏا عالم فاضل هئا. هن شاهه ولي الله اورنٽيل ڪاليج موجوده اسلاميه ماڊل هاءِ اسڪول هيرآباد حيدرآباد مان اديب، عالم، فاضل ۽ مولوي فاضل جيڪي انٽر ميڊيٽ ڊگريءَ جي برابر آهي جي تعليم حاصل ڪئي. ان وقت ۾ هن اسڪول جو پرنسپل مخدوم امير احمد هوندو هئو، سائين رشيد صابر 1972ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان B.A، M.A جا امتحان پاس ڪيا، جڏهن ته نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد بحيثيت عربڪ ٽيچر مقرر ڪيو ويو، هن سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسيءَ ۾ مضمون لکيا، هن اسلامڪ اسٽيڊيز بابت B.A، M.A جي ڪورس لاءِ ڪتاب لکيا. هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان مذهبي پروگرامن، مذاحيه خاڪن ۽ پهريون ناٽڪ "شڪست گلدستو" پروگرام لکيا ۽ پيش ڪيا. هن روزانه سنڌ نيوز حيدرآباد ۾ بحيثيت نيوز ايڊيٽر جي ڪم ڪيو، هن جو پهريون افسانو 1962ع ۾ ماهوار بادل حيدرآباد ۾ ڇپيو، هن امر جليل جو افسانن جو اردو ۾ ترجمو ڪيو، رشيد صابر 1966ع ڌاري پنهنجي سؤٽ سان شادي ڪئي، جنهن مان کيس 5 پٽ جن ۾ رضوان شامل آهي. جڏهن ته 3 نياڻيون آهن جن جي پڻ شادي خانه آبادي ٿي چڪي آهي. هن 1975ع ڌاري ڪراچيءَ جي ڪياماڙي اسڪول ۽ اين جي وي هاءِ اسڪول ماڊرن هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ بعد پي ٽي وي ڪراچي سينٽر تان "رتيءَ جي رهاڻ" 1977ع ڌاري ۽ پيا پروگرام پيش ڪيائين. 1981ع ۾ "گهاتو گهر نه آيا" ۾ هيروئين جي پيءُ جو ڪردار ادا ڪيو، ان کان علاوه 1984ع ۾ "طوفان ٿل ماڇي" 1985ع ۾ "برسات جي رات"، "سهڻا سائين" ۽ "هوجمالو".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1986ع ۾ ”ٽي قيدي“ ۽ 1989ع ”سرويچ“، ”ڪارو شينهن“ ۽ ”ريشمي رومال“ کان علاوه 1988ع ۾ ”مهراڻ جا موتي“ جا گيت لکيا. اردو فلم ”آخري گولي“ جي ڪهاڻيءَ جو پڻ ليکڪ هيو. 1986ع ۾ رٽائرڊمينٽ حاصل ڪيائين. هن مينڊري پاڙي، آگراتاج لياريءَ ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي. ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۽ هن ”ماروي“ سنڌي اردو ناٽڪ ”ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه“، ”اڪي ٽي ميرو“، ”دوسري عورت“، چوڏوين رات“، ”دشت ڪونج“، ”آئينو“، ”مايا“، ”سنڌي موهه“، ”اعتماد“، ”آڏي پڇا“، ”تماشو“، ”هڪ ڪنواز جو سوال آهي“، ”آيا اڳڻ عجيب“ ۽”شادي شان واري“ تقريبًا 400 اسٽيج ناٽڪ ڪيائين.

هن سنڌ جي مختلف شهرن کان علاوه ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ اسٽيج ناٽڪ ڪيا جن ۾ ”شادي تعدي“، ”هل پنهل هل“، ”ويچارو ماستر“، ”هوشو“ کان علاوه ڪي ٽي اين جي ڊرامه سيريل ”منزل جو“ معاون پروڊيوسر ۽ اسڪرپٽ انچارج رهيو. هن جو آخري ناٽڪ ”سنگرام“ هئو. هن 12 سنڌي فلمن ۾ ڪم ڪيو.

جڏهن هو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ڪم ڪندو هيو ان وقت پير اسحاق جان سرهندي پروگرام منيجر سان ڪم ڪيائين. ان کان علاوه ريڊيو جي سينئر اسڪرپٽ رائيٽرن، شاعرن مظفر حسين جوش، سيد منظور حسين نقوي، محمد خان غني سان گڏ ڪم ڪيائين ۽ علي محمد پنو، الله بخش شاه بخاري، مولانا غلام محمد گرامي، محمد عثمان ڏيپلائي، غلام مصطفيٰ دادوي، عبدالغني درس، سيد حيات علي شاهه بخاري ۽ نور محمد پنو سان سندس گهرائي هوندي هئي.

پاڻ حسين آباد واپڊا ڪالوني جي سامهون واقع هڪ مدرسي پرسان رهائش رکندا هئا. سندس انٽرويو ”روزانه جاڳو“ ڪراچي 1996ع کان 1999ع تائين عزيز انصاري شايع ڪيا. رشيد صابر کي ريڊيو پاڪستان پاران ”رائيٽر ايوارڊ“ 2001ع ۽ 2002ع مليا.

سائين رشيد صابر پاڻ سان گڏ يادگار يادون ڇڏي ويا آهن، الله تعاليٰ کيس جوار رحمت ۾ جاءِ ڏي. آمين ثم آمين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# AWAZ JO SAFAR

By: Noor Muhammad Bhutto

## سنڌي ٻوليءِ ادب جو خادم

چهري تي سدائين مُرڪ رقصان، سياڻ ۾ نرمي ۽ ٻاجهائپ، جهڙو ظاهر ۾ تهڙو باطن. نه ٻيائي، نه وڏائي. نه ئي ڪا ڦونڊ يا آڪڙ. محترم نورمحمد ڀٽو، سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اهڙو خادم آهي، جنهن ادبي ۽ صحافتي ميدان ۾ سدائين پنهنجي رهي، پاڻ وڻائڻ ۽ پاڻ پڌائڻ ڪانسواءِ، جيڪو ڪم ڪندو رهيو آهي، ان جي اهميت ان ڪري به سگهاري آهي ته پاڻ عام طريقي ڪان هٽي ڪري، پنهنجي تصنيف ۽ تاليف ڪي نئين نئين ڪتابن جي صورت ۾ ڇپرائي، پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪندو رهيو آهي. سندس ڪتابن جو سلسلو جهڙوڪ "سنڌ جا تعليمي ماهر" ۽ "سنڌي صحافت جي تاريخ" به اهڙا وڏا عنوان آهن، جيڪي پنهنجي اندر ۾ وڏو تحقيقي ڪم گهرن ٿا. پر متحرم نور محمد ڀٽو اهي نئين نئين ڪتابن ۾ آسان زبان ۾ لکي سنڌ جي تعليمي ۽ صحافتي تاريخ تي ڪم ڪندڙ مورخن لاءِ سورس مٽيريل طور مواد مهيا ڪري رهيو آهي.

پاڻ وٽ هونئن به تاريخ خاص ڪري سهيوڳي تاريخ سهيڙڻ لاءِ ڏانهن گهٽو ڏيان ڏنو ويندو آهي جنهن ڪري پوءِ جڏهن گذريل وقت ۽ حالتن تي لکڻ ويهبو آهي ته مواد نه هئڻ جو روئڻو پيو روئبو آهي پر جناب نورمحمد ڀٽو ان ڳالهه جي اهميت کي چڱي طرح سمجهي ٿو ته هو اڄ نئين نئين ڪتابن جي صورت ۾ تاريخ سهيڙي رهيو آهي. اهو حال لاءِ ته آهي پر ايندڙ وقت لاءِ وڌيڪ اهم آهي جو ايندڙ وقت ۾ محقق حضرات کي تاريخ لکندي ڀٽي صاحب جا ڪتاب رهنمائي ۽ سونهين طور ڪم ڏيندا اها ڳالهه جناب نورمحمد ڀٽي صاحب جي ذهني وسعت ۽ پنهنجي ادب ۽ ان جي تاريخ لاءِ اهم ذميداري جو ثبوت آهي.

**يوسف سنڌي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڻو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَئَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين کي پڙهائڻ ۾ رُڌل ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book